روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

جلد: 11 | اربع 15 فيبروري 2023ع بمطابق 23 رجب المرجب 1444هه | شمارو: 123 | قيمت 10 روپيا

اٽارني جنرل جي وضاحتي خط تي سينيٽ ۾ گوڙ، رضا رباني ۽ قانون واري وزير ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ

سپريم ڪورٽ طرفان ملڪ جي صرف هڪ وزيراعظم کي ايماندار چوڻ جي ريمارڪس تي سينيٽ ۾ گوڙ ٿيو جنهن ۾ رضا رباني ۽ قانون واري وفاقي وزير وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي

اٽارني جنرل وضاحت ڪئي آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ رڳو هڪڙي وزيراعظم جي ايماندار هئڻ جي ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿي آهي : اعظم نذير تارڙ

چيف جسٽس هڪ وزيراعظم جي ايماندار هجڻ جا ريمارڪس ناهن ڏنا. چيف جسٽس جي ريمارڪس کي سوشل ميڊيا تي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو

اٽارني جنرل جيڪڏهن پارليامينٽ ۽ جوڊيشري جو ايترو حامي آهي ته جڏهن عدالت طرفان پارليامينٽ مٿان حملو ٿئي ٿو ته اٽارني جنرل کي عدالت ۾ پارليامينٽ جو دفاع ڪرڻ گهرجي : رضا رباني

سپريم ڪورٽ ته اهو به چيو آهي ته هيءَ پارليامينٽ اڻپوري آهي ان جي ڳالهه چو نتا ڪريو؟ لاهور هاءِ ڪورٽ حڪم ڏنو آهي ته فوري طور تي چونڊون ڪرايون وڃن : شهزاد وسيم

اوهان اٺ مهينا لاجز ۾ ويهي واپس ايندو ته اهو ڪيئن هلندو. لاڏ پيار واريون استعيفائون قبول ٿيون ته اوهان روئڻ شروع ڪري ڏنو : قانون وارو وزير

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ طرفان ملڪ جي صرف هڪ وزيراعظم کي ايماندار چوڻ جي ريمارڪس تي سينيٽ ۾ گوڙ ٿيو جنهن ۾ رضا رباني ۽ قانون واري وفاقي وزير وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي. سينيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: اٽارني جنرل جي وضاحتي خط تي سينيٽ ۾ رضا رباني ۽ قانون واري وزير ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ جو ڏيک

صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جي ملاقات

اسلام آباد: (م د) صدر عارف علوي سان ناڻي واري وزير اسحاق ڊار ملاقات ڪئي جنهن ۾ مني بجيٽ آرڊيننس جي صورت ۾ لاڳو ڪرڻ تي ڳالهيون ڪيون. ذريعن موجب صدر عارف علوي سان ملاقات ۾ اسحاق ڊار مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون. ذريعن موجب ملاقات ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

مشڪل وقت ۾ دنيا جو ساٿ ڏيڻ اسان جي بهترين پرڏيهي پاليسي جو ثبوت آهي: بلاول ڀٽو

اسان جي فارين سروس آفيسرز سڄي دنيا ۾ اسان جو موقف بهترين طريقي سان پيش ڪيو، اسان کي هر ميدان ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏيڻو آهي

پاڪستان کي موسمياتي تبديلي جي اثرن سبب ٿيل نقصان کي منهن ڏيڻو پيو، موسمياتي تبديلي بابت موقف تي سڄي دنيا اسان سان گڏ بيٺل هئي

پاڪستان موسمياتي تبديلي بابت هر فورم تي آواز اٿاريو، جنيوا ريزيلينٽ ڪانفرنس جي موقعي تي دنيا اسان جو ساٿ ڏنو

تازي اينڊز پوڊ ۾ آمريڪا ۽ چين به اسان جي مدد ڪئي، سڄي دنيا جا ملڪ پرڏيهي پاليسي ملڪي مفاد موجب جوڙيندا آهن

پاڪستان عالمي برادري سان بهتر لاڳاپن جو خواهشمند آهي، خطي ۾ علائقائي امن جي قيام لاءِ ڪنيل قدم پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو حصو آهن

اندروني ۽ بيروني مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي: پرڏيهي وزير جو 42 هين ڪورجي ڊپلوميٽڪ ڪورس جي آفيسرز کي خطاب

اسلام آباد(م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مشڪل وقت ۾ دنيا جو ساٿ ڏيڻ اسان جي بهترين پرڏيهي پاليسي جو ثبوت آهي. فارين سروسز اڪيڊمي ۾ 42هين ڊپلوميٽڪ ڪورس جي آفيسرز کي خطاب ڪندي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو چيو ته اسان جي فارين سروس آفيسرز سڄي دنيا ۾ اسان جو موقف بهترين طريقي سان پيش ڪيو اسان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڊپلوميٽڪ ڪورس جي آفيسرز کي خطاب ڪندي

صدر عارف علوي بجيٽ تجويزون آرڊيننس جي صورت ۾ لاڳو ڪرڻ تي اعتراض واري ڇڏيا

صدر جي اعتراضن ڪانپوءِ حڪومتي ٽيم غور ويچار ۾ مصروف آهي : ذريعا

صدر چاهي ٿو ته بجيٽ تجويزون آرڊيننس بدران بل جي صورت ۾ پارليامينٽ ۾ پيش ٿين

اسلام آباد (م د) صدر عارف علوي بجيٽ تجويزون آرڊيننس جي صورت ۾ لاڳو ڪرڻ تي اعتراض واري ڇڏيا. ذريعن موجب حڪومت اڄ ئي آرڊيننس جاري ڪري مني بجيٽ لاڳو ڪرڻ چاهي ٿي ۽ قانون واري وزارت آرڊيننس جو جائزو وٺي رهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عوام کي بجلي جو جهٽڪو: 4 مهينن ۾ 76 ارب روپيه ڏيڻا پوندا، ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي

وفاقي ڪابينه بجلي صارفين کان 76 ارب روپيه اضافي وصول ڪرڻ جي منظوري ڏني

ڪي اليڪٽرڪ سميت بجلي صارفين کان اضافي اوڳاڙيون ايندڙ 4 مهينن ۾ ڪيون وينديون : ذريعا

اها رقم پاور هولڊنگ ڪمپني جي قرض تي وياج جي مد ۾ جمع ڪئي ويندي

اسلام آباد (م د) مهانگائي جي ماريل عوام لاءِ هڪ ٻي ڇرڪائيندڙ خبر اها آهي ته وفاقي ڪابينه بجلي صارفين کان 76 ارب روپيه اضافي وصول ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد کان ڪراچي پهچي ويو

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪابينه ميمبرن کي آڻيندڙ خصوصي جهاز فيصل بيس تي لينڊ ڪئي

وزيراعظم ڪراچي ۾ پاڪستان نيوي جي انتظام هيٺ اٿين جاري امن مشق جو جائزو ورتو

ڪراچي (م د) وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد کان ڪراچي پهچي ويو. وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪابينه ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شهباز گل ٽرائل ڪورٽ مان بريت جي درخواست رد ٿيڻ جو فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شهباز گل ادارن کي بغاوت تي پڙڪائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار ملاقات ڪري رهيو آهي

ناڻي واري وزارت وفاقي سرڪاري ملازمن جي اپگريڊيشن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد: (م د) ناڻي واري وزارت وفاقي سرڪاري ملازمن جي اپگريڊيشن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ لوئر ڊويزن ڪلرڪ ۽ اپر ڊويزن ڪلرڪ جي اپگريڊيشن ڪئي وئي آهي. اپگريڊيشن کان پوءِ نائين اسڪيل جي ايل ڊي سي کي 11 اسڪيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومت طرفان توانائي جي بچت ۽ تحفظ جي منصوبي لاءِ عالمي بئنڪ کان قرض وٺڻ جو منصوبو تيار

ملڪ ۾ توانائي جي بچت ۽ تحفظ جي لاءِ حڪومت 10 سالن تي ٻڌل قومي منصوبو تيار ڪري ورتو

قومي توانائي بچت منصوبو 4 حصن تي ٻڌل هوندو جنهن ۾ توانائي جي بچت وارين عمارتن جي تعمير سرفهرست آهي

اسلام آباد (م د) حڪومت ملڪ ۾ توانائي جي بچت ۽ تحفظ جي منصوبي لاءِ عالمي بئنڪ کان قرض وٺڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي سرڪاري دستاويزن موجب ملڪ ۾ توانائي جي بچت ۽ تحفظ جي لاءِ حڪومت 10 سالن تي ٻڌل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شهباز خلاف آشيانه هائوسنگ اسڪينڊل ۾ نيب جو گواهه ڦري ويو

جي نيب شهزاد سليم، ڊائريڪٽر نيب محمد رفيع ۽ جاچ آفيسر ڏباءُ وجهي مون کان بيان ڏياريو : اسرار

نيب جي حراست دوران واش روم ۾ ڪيمرائون لڳايون ويون هيون

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف خلاف آشيانه هائوسنگ اسڪينڊل ۾ نيب جو سلطاني گواهه بڻيل اسرار سعيد پنهنجي بيان تان ڦري ويو اسرار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جنرل باجوه سپر ڪنگ هو ته ڇا اوهان ان جا ملازم هئا؟ مريم نواز جو عمران خان کان سوال

عمران خان اسٽيبلشمينٽ کانپوءِ هاڻي عدليه جي گهوڙي تي سوار ٿي اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

عمران خان يو ٽرن وٺي هاڻي چوي ٿو ته منهنجي خلاف سازش آمريڪا نه پر جنرل باجوه ڪئي

عمران خان جنهن ماڻهوءَ کي مير جعفر ۽ مير صادق چيو ان کي تاحيات ايڪسٽينشن جي آڇ ڪئي

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته عمران خان ڪرڙ جو نالو بيانيو رکيو آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين وٽ ڪرڻ معاشي پلان نه هو جنرل باجوه جيڪڏهن سپر ڪنگ هو ته ڇا اوهان ان جا ملازم هئا؟ نواز ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ترڪيا ۽ شام ۾ زلزلي بعد امدادي سرگرميون جاري، فوتين جو انگ 37 هزار کان وڌي ويو

ملبي هيٺان دٻيل زندا بچيل ماڻهن جي ڳولا وارين اميدون وقت گذرڻ سان گهٽجڻ لڳيون

ٻوائتي زلزلي سبب فوتين جو مجموعي انگ 37 هزار کان وڌي ويو، ڪجهه علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ

ماڻهو صحت ۽ صفائي جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لڳا، وبائي مرض پڻ پکڙجڻ لڳا

انقره: (م د) 6 فيبروري تي ترڪيه ۽ شام ۾ زلزلي سبب فوتين جو انگ 37 هزار کان وڌي ويو آهي ترڪيا ۽ شام ۾ زلزلي بعد امدادي سرگرميون جاري آهي، ملبي هيٺان دٻيل زندا بچيل ماڻهن جي ڳولا وارين اميدون وقت گذرڻ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: نواز ليگ جي چيف آرگنائيزر

پشتون تحفظ موومينٽ جو اڳواڻ علي وزير جيل مان آزاد

علي وزير سينٽرل جيل ڪراچي مان آزاد ٿيو ته ڪارڪنن جو وڏو انگ پهتو

علي وزير کي 31 هين ڊسمبر 2020 تي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو هو

متس بغاوت ۽ ڇڙواڙيندڙ تقرير ڪرڻ جي الزام هيٺ خيبرپختونخوا ۾ به ڪيس داخل ٿيل

ڪراچي (م د) پشتون تحفظ موومينٽ (پي ٽي ايم) جي اڳواڻ ۽ ايم اين اي علي وزير کي سينٽرل بل ڪراچيءَ مان آزاد ڪيو ويو آهي. علي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پشتون تحفظ موومينٽ جو اڳواڻ علي وزير

توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ اسد عمر پنهنجو جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

اسلام آباد ۾ عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري خلاف توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

مناسب ٿيندو ته چونڊن کان پوءِ جي تاريخ ڏيو: عمران خان جو وڪيل

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد عمر توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ پنهنجو جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اتر وزيرستان ۾ سي ٽي ڊي ٽيم تي حملو: حراست هيٺ 3 جوابدار مارجي ويا

دهشتگردن اتر وزيرستان جي علائقي ميران شاهه کان بنون جوابدار منتقل ڪندڙ اسڪواڊ تي حملو ڪيو

دهشتگردن جا ڪجهه ساٿي رات جي اونداهي ۾ فرار ٿي ويا. اهو واقعو گذريل رات مير علي بائي پاس وٽ پيش آيو : ترجمان

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس تي دستي بم حملن ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هئا

پشاور (م د) اتر وزيرستان ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ(سي ٽي ڊي) جي ٽيم مٿان دهشتگردن جي حملي سبب حراست هيٺ 3 جوابدار مارجي ويا. سي ٽي ڊي جي جوابي ڪارروائي دوران پابندي مڙهيل تنظيم جا 4 دهشتگرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آءِ بي اي ٽيسٽ: اميدوارن کي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف درخواست

هارڊ ايرياز ۽ سافٽ ايرياز جي بنياد تي اميدوارن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف درخواست داخل ڪرائي وئي

سکر جي بنچ هارڊ ايرياز جي اميدوارن کي نوڪريون نه ڏيڻ لاءِ اسٽي جاري ڪيو آهي: ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 2021 جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي آرڊرز نه ملڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي آهي. هارڊ ايرياز ۽ سافٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڀارت ۾ قيد 82 مهاڻن جي واپسيءَ لاءِ جاتي ۾ فشر فوڪ فورم جي ريلي

ساڻن کان ٻانڌي ٿيل مهاڻن جي وارثن ۽ ملاحن ريلي ۾ شرڪت ڪري پنهنجي پيارن جي واپسي جو مطالبو ڪيو

جاتي جا 32 ۽ ٺٽي سجاول ضلعن جا 50 مهاڻا ڀارتي جيلن ۾ ٻانڌي ٿيل آهن : مهاڻ شاهه

جاتي (رپورٽر) ڀارت ۾ قيد 82 مهاڻن جي واپسيءَ لاءِ جاتي ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ساڻن کان ٻانڌي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جاتي: ڀارت ۾ قيد 82 مهاڻن جي واپسيءَ لاءِ فوڪ فورم پاران ڪڍيل ريلي جو ڏيک

لاهور ۾ پي ٽي آءِ تقريب ۾ حماد اظهر خلاف نعرا

فيصل آباد ۾ خيال ڪاسترو کي ڪٽڪو

حماد کي ٽڪيٽ ڏني وئي احتجاج ڪيو ويندو : اسلم اقبال

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي جيل ڀريو تحريڪ شروع ٿيڻ کان اڳ پي ٽي آءِ جا اندروني جهيڙا آخرڪار روڊن تي اچي ويا آهن نامياري صحافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر

پنجاب جي گورنر چونڊن جي حڪم خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اليڪشن ڪميشن جي وفد پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان سان گورنر هائوس پنجاب ۾ ملاقات ڪئي

چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پنجاب صوبي ۾ انتظامي ۽ امن امان جي صورتحال تي بريفنگ ڏني

اجلاس ۾ فيصلي جي تشريح ۽ وضاحت جي لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

لاهور (م د) پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان صوبي ۾ چونڊون ڪرائڻ جي لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم بابت درخواست داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو جنهن ۾ فيصلي جي تشريح ۽ وضاحت جي استدعا ڪئي ويندي. لاهور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاڙڪاڻي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ مڙس هٿان زال قتل

پينس ڪالوني جي رهواسي دربان لهر ڪاروڪاري جو الزام مڙهي پنهنجي نوجوان گهرواري ڪونج خاتون کي نرڙ ۾ گولي هڻي

پوليس واقعي واري جاءِ تي پهچي فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي نوجوان کي ڪٺائي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو

عورت جو لاش ضروري ڪارروائي بعد سندس وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ نوجوان کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي جي حد پينس ڪالوني جي رهواسي دربان لهر ڪاروڪاري جو الزام مڙهي پنهنجي نوجوان گهرواري ڪونج خاتون کي نرڙ ۾ گولي هٽي قتل ڪرڻ بعد ننڍي ڀاءُ عرفان علي لهر کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

آمريڪا جي چين جي تباهه ڪيل ”ڦوڪڻي“ مان حساس ڊيوائسز هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

اهلڪارن بيلون ڪرڻ واري هنڌ تان اهم ثبوت گڏ ڪري ورتا : پرڏيهي خبرو ادارو

ڦوڪڻي جي هڪ وڏي حصي سان گڏوگڏ سينسز ۽ اليڪٽرانڪ ڊيوائسز جا ٽڪرا پڻ شامل آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي فوج چين جي تباهه ٿيل بيلون مان حساس اليڪٽرانڪ ڊيوائسز هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي آمريڪي جنگ جهازن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

غير اخلاقي وڊيو ڪيس: سنڌ هاءِ ڪورٽ دانيه شاهه جي ضمانت منظور ڪري ورتي

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر مرحوم عامر لياقت جي ٽئين گهرواري دانيه شاهه جي غير اخلاقي وڊيو وائرل ڪرڻ جي ڪيس ۾ ضمانت منظور ڪري ورتي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ دانيه شاهه جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ دانيه جي وڪيل لياقت گبول پنهنجي موقف ۾ چيو ته دانيه جي خلاف ڪي به شاهديون نه آهن. ايف آءِ اي ناقص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر بلديه شرقي سيد شڪيل احمد فيملي پارڪ ۾ منعقد ڪيل نمائش جو دورو ڪندي

اسلام آباد: وفاقي وزير مولانا واسي اجلاس جي صدارت ڪندي

فيض گنج ويجهو مبينا ڪنيي گم ڪيل شاگرد اياز لطيف شر گهر پهچي ويو

فيض گنج (رپورٽر) فيض گنج ويجهو مبينا ڪنيي گم ڪيل شاگرد اياز لطيف شر گهر پهچي ويو. فيض گنج ويجهو مبينا ڪنيي گم ڪيل شاگرد 14 مهينن بعد بازياب ٿي گهر پهچي ويو آهي نوجوان جي پاءُ غلام الدين شر جو چوڻ آهي ته اياز لطيف شر گهر پهتو آهي، سندس واپسي لاءِ احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙن جا ٿورائتا آهيون شاگرد اياز لطيف شهر کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ملڪ ۾ ڪرونا جا هاڪاري ڪيس وڌڻ لڳا

24 ڪلاڪن اندر 22 ماڻهن جون ڪرونا جون ٽيسٽون هاڪاري آيون

گذريل 24 ڪلاڪن اندر ملڪ ۾ 4 هزار 498 ڪرونا ٽيسٽون ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ ڪرونا جا هاڪاري ڪيس وڌي رهيا آهن. 24 ڪلاڪن اندر 22 ماڻهن جون ڪرونا جون ٽيسٽون هاڪاري آيون آهن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سعودي سرڪار عمري جي ادائيگي لاءِ ايندڙ پانڌيئڙن لاءِ وڏو اعلان ڪري ڇڏيو

رياض (م د) عمري جي ادائيگي لاءِ ويندڙ پانڌيئڙن لاءِ سٺي خبر آئي آهي، سعودي سرڪار عمري جي ويزا رکندڙ پانڌيئڙن کي ملڪ جي سمورن هوائي اڏن تي سفر جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ سعودي جنرل اٿارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جن مون تي تنقيد ڪئي کين جواب ڏنو، (ن) ليگ جو حصو آهيان: مفتاح اسماعيل

مان پارٽي پاليسي جي خلاف ڳالهايون آهي ان لاءِ تنقيد ٿي رهي آهي

آئي ايم ايف سان معاهدي کان پوءِ معيشت بهتر ٿيندي اڪيلي سر ڪوبه ادارو پاڪستان کي بهتر نٿو ڪري سگهي

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته ڪا ٿئين سياسي پارٽي نه ٺهي ٿي ۽ (ن) ليگ جو حصو آهيان جن منهن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪيماڙي ۾ مبينه زهريلي گئس وگهي موت، جوابدارن جي ڪچي ضمانت ۾ واڌ

19 فوتگين جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار شاهد حسين ۽ سعيد خان جي ڪچي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي

عدالت جوابدارن جي 5 لک رپين جي عيوض ضمانت منظور ڪئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مقامي عدالت ۾ ڪيماڙي ۾ مبينه زهريلي گئس وگهي موت جي ڪيس ۾ ٻن جوابدارن جي ڪچي ضمانت ۾ 15 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

۾ ٻه سون جي قيمت ۾ سوين رپيا گهٽتائي

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ سوين رپيا گهٽتائي ٿي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب في تولي سون جي قيمت ۾ 1700 رپين جي گهٽتائي ٿي آهي، جنهن کانپوءِ ان جي قيمت هڪ لک 95 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: جسٽس (ر) ناصره جاويد اقبال خانه فرهنگ ۾ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

حيدرآباد ۾ شاگردياڻي جو مبينا آپگهات، اي ايس پي جي سربراهي ۾ جاچ ٽيم قائم

سي سي ٽي وي مان ظاهر آهي ته ڇوڪري آپگهات ڪيو آهي : اي ايس پي علينا راجپر

اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ڇوڪري جي عمر 12 کان 13 سال هئي

عملي روڪڻ جي ڪوشش به ڪئي پر کين اندازو نه هو ته ڇوڪري ٽپو ڏئي ڇڏيندي : اسڪول ٻاهران صحافين سان ڳالهيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي نجي اسڪول ۾ ڇهين جماعت جي شاگردياڻي جي مبينا آپگهات جي واقعي جي جاچ لاءِ اي ايس پي علينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان هن وقت مشڪل معاشي صورتحال مان لنگهي رهيو آهي: سيد نويد قمر

آئي ايم ايف پروگرام تحت سمورن مشڪل مرحلن مان نڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين مددگار ثابت ٿيندو

دنيا ۾ نرسنگ جو شعبو ترقي ڪري رهيو آهي ٽنڊو محمد خان ۾ نرسنگ ڪاليج کي دل جي مرضن جي اسپتال سان ڳنڍيو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ نرسنگ ڪاليج ٺهڻ سان طبي سهولت فراهم ڪندڙ ماڻهن ۾ اضافو ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) صنعت ۽ واپار واري وفاقي وزير سيد نويد قمر چيو آهي ته پاڪستان هن وقت مشڪل معاشي صورتحال مان لنگهي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 36

مسافر بس ۽ بڪتربند گاڏي ۾ ٽڪر، ويهه ڄڻا اجل جو شڪار، ڪيترائي زخمي

ليمپوپو صوبي ۾ هڪ تيز رفتار بڪتربند گاڏي ڊرائيور جي ضابطي مان نڪري وئي

زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي

ڪيپ ٽائون (م د) ڏکڻ آفريڪا ۾ مسافر بس ۽ بڪتربند گاڏي ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ويهه ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. پرڏيهي خبرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

عالمي تنظيم جو فوج تي تنقيد ڏوهه قرار ڏيڻ جي تجويز ڪيل ترمير روڪڻ جو مطالبو

اسلام آباد (م د) صحافين جي تحفظ جي عالمي تنظيم رپورٽرز وِد آئوٽ بارڊرز وزيراعظم شهباز شريف کان مطالبو ڪيو آهي ته هو هٿياربند فوج تي تنقيد کي ڏوهه قرار ڏيڻ جي تجويز ڪيل منصوبي کي فوري طور روڪي، جو ته ان سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

قاسم آباد جي نجي اسڪول ۾ شاگردياڻي مومنه ناريجو واري واقعي جي جاچ شروع

ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ ٻارڙيءَ مومنا ناريجو جي لاش جا جزا ورتا ويا

شاگردياڻي واقعي کان اڳ پيرڊ اٽينڊ نه ڪيو هو : ذريعا

حيدرآباد (رپورٽر) قاسم آباد جي نجي اسڪول ۾ ڇهين درجي جي شاگردياڻي مومنه ناريجو واري واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي، ڊي اين اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لکي غلام شاهه چڪ واسي هندو نياڻي اسسٽنٽ ڪمشنر بڻجي وئي

ثنا رامچند سي ايس ايس جو امتحان ڏئي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي

وزيراعظم شهباز شريف پاران جوائننگ آرڊر ڏنو ويو، چڪ شهر ۾ خوشي جو ماحول

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور لکي غلام شاهه چڪ واسي هندو نياڻي سنڌ جي ڀيرين اسسٽنٽ ڪمشنر بڻجي وئي، چڪ جي رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

والاريل فلسطيني علائقي ۾ يهودي وسندين جي اڏاوت واري مامري تي آمريڪا ۽ اسرائيل آمهون سامهون

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي وزير انٿوني بلنڪن وڌيڪ نيون وسنديون جوڙڻ واري اسرائيلي فيصلي تي سخت تنقيد ڪئي آهي، پرڏيهي ميڊيا رپورٽس موجب انٿوني بلنڪن اسرائيل کي خبردار ڪيو آهي ته اسرائيلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

جناح اسپتال جي گائني وارڊ مان لاپته عورت جي معاملي ۾ اهم اڳڀرائي

عورت پنهنجي مرضي سان اسپتال مان وئي جنهن جا ثبوت پوليس کي مليا آهن

عورت صبح 8 لڳي 40 منٽن تي اسپتال ۾ داخل ٿي ۽ 12 لڳي 40 منٽن تي اسپتال جي پٺئين دروازي مان نڪري وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي جناح اسپتال مان گوهراڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن جي روشني ۾ ڊائريڪٽر آپريشن پي ڊي ايم اي نوشهروفيروز پهتو

نيڪال جي سلسلي ۾ نوشهروفيروز ضلعي مان قائم ڪيل ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي

حڪم تي برساتي پاڻي جي نيڪال ۽ متاثرين جي مدد ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪميٽيون قائم ڪيون ويون

آبپاشي کاتي کان علاوه سماجي تنظيمون به برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ تعاون ڪري رهيون آهن: امداد حسين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪمن جي روشني ۾ ڊائريڪٽر آپريشن پي ڊي ايم اي امداد حسين صديقي نوشهروفيروز پهتو ۽ برسات ۽ ٻوڏ جي پاڻي جي نيڪال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: امداد حسين قائم ڪيل ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

خانپورمهر سنڌ مانيٽرنگ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن طرفان احتجاجي مظاهرو

رنجيت ڪمار، فياض حسين ، وسيم احمد ، سيد طاهر حسين، آيت رحمان، پاران احتجاج

عرصو گذري وڃڻ باوجود اسان کي اپگريڊيشن جي بنيادي حق کان محروم رکيو ويو:مظاهرين

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر سنڌ مانيٽرنگ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن طرفان احتجاجي مظاهرو، خبرموجب، سنڌ مانيٽرنگ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن پاران خانپورمهر ۾ رنجيت ڪمار، فياض حسين، وسيم احمد ، سيد طاهر حسين، آيت رحمان، اعزاز احمد، فيصل حڪيم، غلام عباس، عميرعلي ۽ ٻين پريس ڪلب ٻاهرجي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٻنون ۽ ٻرياسي جي 50 هزار کان وڌيڪ رهندڙ عوام مواصلاتي سهولت کان محروم

نيٽ ورڪ ڪمپني پاران ٻنون لڳ راهوٽ ۾ لڳايل ٽاور ڪافي وقت کان وني بند پيل،

ڪمپني پاران مهيا ڪيل لکين روپين جي مشينري وارو اسٽريڪچر چوري ٿيڻ لڳو آهي

ڪمپني جو عملو تيل ۽ ٻي سامان جي مد ۾ لکين روپين جي مبينا ڪرپشن ۽ چوري ۾ ملوث آهي

ڏڙو (ن سنڌ يار) ٻنون ۽ ٻرياسي جي 50 هزار کان وڌيڪ رهندڙ عوام جن جديد دور زماني ۾ مواصلاتي سهولت کان محروم. ڪجھ وقت اڳ هڪ نجي نيٽ ورڪ ڪمپني پاران ٻنون لڳ راهوٽ ۾ لڳايل ٽاور ڪافي وقت کان وني بند پيل. ڳوٺاڻن موجب موبائيل ڪمپني پاران مهيا ڪيل لکين روپين جي مشينري وارو اسٽريڪچر چوري ٿيڻ لڳو آهي. جڏهن ته ڪمپني جو عملو جنريٽرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

محرابپور جي زيراهتمام مقامي هال ۾ سيمينار منعقد مفتي عبدالخالق آزاد شريڪ

نبي ڪريم ﷺ انساني سماج ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا: عبدالخالق آزاد

75 سال اڳ شروع ۾ پاڪستان جي حالت اهڙي نه هئي جهڙيون بدامني ۽ سماجي برايون اڄ آهن

افسوس جو اسان جي مذهبي جماعت به زميندارن ۽ سرمائيدارن جي حمايت ۾ فتويٰ جاري ڪئي

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور جي زيراهتمام مقامي هال ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ حضرت مفتي عبدالخالق آزاد رائپوري خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي رحيميه علوم قرآنيه انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان جي صدر حضرت مفتي عبدالمتين نعماني چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم انساني سماج ۾ عدل ۽ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

محرابپور: منعقد سيمينار کي مفتي عبدالخالق آزاد خطاب ڪندي

ميرپورماٿيلو پريس ڪلب جي صدر غلام نبي وسير جي بيگناهه قتل خلاف احتجاج

ڪراچي جي صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ مطالبو ڪري ڇڏيو

صحافي فاروق بنگوار .ديدار سيلرو. امتياز جکهراڻي .اصغر بروهي .مير علي گوهر بلوچ مظاهرو ڪيو

ڪوڙا ڪيس ۽ قاتلاڻا حملا ڪري صحافين کي هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي:مظاهرين

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) ميرپورماٿيلو پريس ڪلب جي صدر ۽ سينئر صحافي غلام نبي وسيرجي بيگناهه قتل تي ڪراچي جي صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ مطالبو ڪري ڇڏيو گذريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽون ديرو لڳ ڪيٽي ممتاز ٽاڻي جي حد ڪچي جي ڳوٺ ٻرڙا ۾ تڪرار تان هڪ ڄڻو قتل

پٽا - کهڙا خوني تڪرار هڪ ڀيرو ڀيهر ڀڙڪي پيو، هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل ٿيو

هٿيارٻندن ٻرڙا ڳوٺ ۾ گهر تي فائرنگ ڪري محمد عظيم ڪڙيو کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

مقتول محمد عظيم ڪڙيو جي جنازي ٻرڙا ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي، وقفي وقفي سان فائرنگ جاري آهي

ٺٽون ديرو (رپورٽ:شاد محمود) ٺٽون ديرو لڳ ڪيٽي ممتاز ٽاڻي جي حد ڪچي جي ڳوٺ ٻرڙا ۾ پٽا - کهڙا خوني تڪرار هڪ ڀيرو ڀيهر ڀڙڪي پيو، هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، ڏرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي. مارجي ويل محمد عظيم ڪڙيو جي جنازي نماز ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ سردار امير بخش خان ڀٽو شريڪ. ٺٽون ديرو لڳ ڪيٽي ممتاز ٽاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

محبت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي قومپرست ڪارڪن پاران سنڌ سان محبت مارچ

ڪارڪن ، ساڄاهه وند ڏرين ، اديبن جو ماتلي کان ٽنڊو محمد خان تائين پيادل مارچ ڪيو

ٽنڊو محمد خان ۾ پهچڻ تي قومي ڪارڪن جي شاندار آجيان ڪندي گلن جي ورکا ڪئي وئي

غفور چانگ ، ارباب پيل ، محفوظ نوتڪاڻي ، شاهه فهد پيٽي ، سڪندر قلڪارو ۽ ٻين پاران شرڪت

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) محبت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي قومپرست ڪارڪن ، ساڄاهه وند ڏرين ، اديبن جو ماتلي کان ٽنڊو محمد خان تائين سنڌ سان محبت جو پيادل مارچ ، خبر موجب محبت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي قومپرست ڪارڪن ، ساڄاهه وند ڏرين ، اديبن جو ماتلي کان ٽنڊو محمد خان تائين سنڌ سان محبت جو پيادل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو مان جسقم ڪارڪن آصف

لنڊ ۽ نبي بخش هالي پوٽو مبينا

گرفتار ڪيا ويا

دادو(ن سنڌيار) محبت جو ڏهاڙو ملهائڻ به ڏوهه بڻجي ويو دادو مان جسقم ڪارڪن آصف لنڊ ۽ نبي بخش هالي پوٽو مبينا گرفتار ڪيا ويا. دادو پريس ڪلب تي جسقم مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري ديدار شار، منصور جمالي، نياز چنا، اياز جمالي جي اڳواڻي ۾ جسقم ڪارڪن دادو جي روڊن تي نڪري آيا دادو پريس ڪلب آڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان: جسقم ڪارڪن پيادل مارچ جي نڪتل ريلي جو ڏيک

لاڙ جي عظيم بزرگ ۽ روحاني شخصيتي بخش نقشبندي جو اجتماع ع جون تياريون هلندڙ

22 فيبروري تي سجاول ضلعي جي ساحلي پٽي واري شهر شاهبندر ۾ ٿيندو،انتظام هلندڙ

. ناليوارا وارن مذهبي اسڪالرن، عالم دين، مشائخن اهلسنت ۽ هزارين عقيدت مند شرڪت ڪندا.

نعيمي نقشبندي قادري سميت ملڪ جا ناليوارا علماءِ ڪرام مشائخ اهلسنت ۽ ٻين شخصيتون شريڪ ٿيندين

ڏڙو (ن سنڌ يار) سنڌ جي لاڙ واري خطي جي عظيم بزرگ ۽ روحاني شخصيت حضرت غوث الزمان سيدنا الحاج الهي بخش نقشبندي قادري مجددي رحمتہ عليه جن جو ساليانو بين الصوبائي ديني اجتماع ع 22 فيبروري تي سجاول ضلعي جي ساحلي پٽي واري شهر شاهبندر ۾ ٿيندو. اجتماع ع ۾ ملڪ جي ناليواري وارن مذهبي اسڪالرن، عالم دين، مشائخن اهلسنت ۽ هزارين عقيدت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

اڏيرولال جي جاڪوڙي صحافي شاهد خاصخيلي جي تڪ جي چونڊيل نمائندن کا به سار نه لڌي

سماجي ۽ سياسي اڳواڻ عزت علي برهماڻي سول اسپتال پهتو، صحافي جي عيادت ۽ مالي سهائتا

مون پنهنجو فرض سمجهي صحافي شاهد خاصخيلي جي عيادت ۽ مالي سهائتا ڪئي: عزت علي برهماڻي

صحافي بنا اجوري جي پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهي معاشري جي بگاڙ ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

اڏيرولال (رپورٽر) اڏيرولال جي جاڪوڙي صحافي شاهد خاصخيلي جي تڪ جي چونڊيل نمائندن کا به سار نه لڌي. پريس ڪلب جي بيمار صحافي جي مالي سهائتا لاءِ سماجي ۽ سياسي اڳواڻ عزت علي برهماڻي سول اسپتال ڪراچي ۾ پهچي صحافي جي عيادت ۽ مالي سهائتا ڪئي. ميڊيا سان ڳالهائيندي عزت علي برهماڻي چيو ته مون پنهنجو فرض سمجهي صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ نمبر 4 مير محلي ۾ باهه متاثرين جي سهائتا

اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو ثنا الله صدر ٽينٽ، ڪمبل، ڪيش رقم ورهائي

گذريل ڏينهن ميٽنگ ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين کي باهه واقعي جي رپورٽ ڏني آهي

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ٽي ڏينهن اڳ ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ نمبر 4 مير محلي ۾ ٻن بيواهن جي گهرن سميت ٽن گهرن کي لڳندڙ باهه سبب ڪليل آسمان هيٺ ويٺل متاثرين کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو ثنا الله صدر ٽينٽ، ڪمبل، ڪيش سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ بلاول ڀٽو جيالا فورس شهيد بينظيرآباد جي عهديدارن جي ڪڇهري

جنرل سيڪريٽري علي اڪبر وينجر ضلعي نوشهروفيروز جي صدر جاويد سولنگي جي شرڪت

مير محمد راڄپر جوائنٽ سيڪريٽري پاڳ چند ديوان انفارميشن سيڪريٽري ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهروفيروز (ڊر) نوشهروفيروز ۾ بلاول ڀٽو جيالا فورس شهيد بينظيرآباد ۽ نوشهروفيروز جي عهديدارن جي اهم ڪڇهري ٿي گذري ان موقعي تي شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري علي اڪبر وينجر ضلعي نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: بلاول ڀٽو جيالا فورس شهيد بينظيرآباد جي عهديدارن جي ڪچهري ٿي گذري

سني رابطہ ڪونسل تعلقي دادو پاران مدح صحابہؓ رض جي سلسلي ۾ ريلي

پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي قافلي جي صورت ۾ جلوس برآمد ڪيو ويو

مولانا محمود الحسن حيدري حافظ نثار احمد جمالي، محمد علي جمالي مولانا ادريس پنڙ شريڪ

دادو(ن سنڌيار) سني رابطہ ڪونسل تعلقي دادو پاران مدح صحابہ رض دادو جي شاهاڻي محلا کان مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ تنظيم جا جهنڊا کڻي دادو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽي ۾ برسات ۽ ٻوڏ ڪانپوءِ تباهه ٿيل اسڪولن جي مرمت جو ڪم شروع

مرمت جو ڪم مڪمل پر اسڪولن ۾ عملي ۽ فرنيچر جي کوٽ ختم ٿي وئي

ڳوٺ احمد خان ڪلمتي سميت گهوڙا ٻاري جي 6 اسڪولن ۾ اڃا تائين استادن جي کوٽ

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ٺٽي ۾ برسات ۽ ٻوڏ ڪانپوءِ تباهه ٿيل اسڪولن جي مرمت جو ڪم شروع ٿي ويو آهي، ساحلي علائقن ۾ اير پي اي حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو برسات ۽ ٻوڏ ڪانپوءِ تباهه ٿيل اسڪولن جي مرمت جو ڪم شروع ٿي ويو

دادو ۾ ڪچي جي علائقي جي ڳوٺ علي بخش چانڊيو جو رهواسي پاران احتجاج

ارشاد علي چانڊيو هٿن ۾ پمفليٽ کڻي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڌاڙن جي پوليس ريٽ ڪري اسان جي پاءَ کي کڻي گر ڪري ڇڏيو آهي:ميڊيا سان ڳالهيون

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ ڪچي جي علائقي جي ڳوٺ علي بخش چانڊيو جو رهواسي پاءَ ارشاد علي چانڊيو هٿن ۾ پمفليٽ کڻي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا اڳيان ڏانهيون ته اسان جو بي گناهه پاءَ راهب عرف پٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ايس ايڇ او محرابپور مجيب الرحمان ناريجو پوليس سان گڏ مير محلا ۾ ڇاپو

چاپو هڻي جوا ۾ استعمال ٿيندڙ روڪ رقم سميت 9 جوارن کي گرفتار ڪري ورتو

رشيد چانڊيون، ارشاد منگنيجو، سجاد سومرو ۽ غلام اڪبر آرائين جي قبضي مان تاش هٿ

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو) ايس ايڇ او محرابپور مجيب الرحمان ناريجو پوليس سان گڏ مير محلا ۾ جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي جوا ۾ استعمال ٿيندڙ روڪ رقم سميت 9 جوارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن شهبان چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

محرابپور: پوليس جي ڪاروائي ۾ گرفتار ٿيل جوابدار تهويل ۾ نظر اچي رهيا آهن

سلطانپور ڳاڻي ٿوڙ مهانگائي ۽ علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

سول سوسائٽي اڳواڻن ايڊوڪيٽ عابد جوڻيجو ،جادل منگي ،قيوم انڊڙ،هزارخان پاران ريلي

علائقي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي چوريون روز جون معمول بڻيل آهن:اڳواڻن جون ڳالهيون

سلطانپور (رپورٽ قربان مهر) سلطانپور ڳاڻي ٿوڙ مهانگائي ۽ علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سول سوسائٽي اڳواڻن ۽ علائقي واسي شهري روڊن تي نڪري آيا پي ڊي ايم حڪومت خلاف نعريبازي ڪندي سول سوسائٽي اڳواڻن ايڊوڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

محرابپور جي ڳوٺ ٻيو ملاح لڳ محرابپور واسي لياقت علي ملاح پاران احتجاج

پنهنجن مائٽن شاهه محمد ملاح سان گڏ شمن تپيدار وٽ فيصلي تي ويس: لياقت علي

معشوق ملاح، آدم ملاح، افضل ملاح ۽ بهادر ملاح مجرجي پيا آهن. تحفظ فراهم ڪيو وڃي

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو) ڳوٺ ٻيو ملاح لڳ محرابپور واسي لياقت علي ملاح پريس ڪلب ڪوڙي ڪبير ۾ اچي باڻرن جي خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا وارن کي ٻڌايو ت مان پنهنجن مائٽن شاهه محمد ملاح سان گڏ شمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽي ۾ ٽيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ ميڊيا سوليوشن مفت ورڪشاپ منعقد

نوجوانن کي فريلانسر جي حيثيت سان ڪيريئر شروع ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ هو:اڳواڻ

اسان کي فخر آهي ته انهن نوجوانن جي زندگي ۾ هي ورڪشاپ ڪجھ فرق پيدا ضرور ڪندو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) سڪل ٽيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ ميڊيا سوليوشن هڪ مفت ورڪشاپ منعقد ڪيو جنهن جو مقصد نوجوانن کي هڪ فريلانسر جي حيثيت سان ڪيريئر شروع ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ هو تقريب ڪانسيپٽ اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: ٽيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ ميڊيا سوليوشن مفت ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي

مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي نوشهروفيروز طرفان ضلعي صدر پاران پير پاڳارا جي سالگرهه

حرن جي روحاني پيشوا حضرت پيرسيد صبغت الله شاهه پيرصاحب پاڳاري جي سالگرهه ملهائي وئي

پيرصاحب پاڳارو سياسي اڳواڻ سان گڏ روحاني شخصيت پڻ آهي: ضلعي صدر فقير غلام جان ڏاهري

ايڊووڪيٽ منصور عباسي رئيس نور احمد ڏاهري فقير موسي ڪيريو ثناءُ الله ڏاهري نوراحمد ڏاهري شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي نوشهروفيروز طرفان ضلعي صدرفقيرغلام جان ڏاهري جنرل سيڪريٽري راڻا مظهراقبال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ حرن جي روحاني پيشوا حضرت پيرسيد صبغت الله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي نوشهروفيروز طرفان ضلعي صدر پاران پير پاڳارا جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان پاران سياڻي ڪليل ڪچهري منعقد

صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ ۽ ماحوليات محمد اسماعيل راهو ڪچهري ڪندو

مسئلن جي حل لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪليل ڪچهري ڪندا.

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 16 فيبروري 2023ع بروز خميس صبح 11 وڳين صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ ۽ ماحوليات محمد اسماعيل راهو ۽ صوبائي صلاحڪار براءِ بحالي ۽ رليف حاجي رسول بخش چانڊيو عام ماڻهن جا مسئلا معلوم ڪرڻ ۽ انهن جي حل لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس تعلقو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي وڌندڙ مهانگائي ۽ بدامنيءَ خلاف احتجاج

بدامنيءَ خلاف شڪارپور ۾ هزاريدار چوڪ کان لکيدر گهنٽا گهر تائين پيادل مارچ ڪري احتجاج ڪيو ويو

قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر ايڊووڪيٽ آغا فهد خان، امداد سومرو، خان محمد ڏيٿو پاران شرڪت

سمورا روڊ رستا ڌوهارين جي حوالي ٿيل آهن ايس ايس پي شڪارپور ڌوهارين اڳيان بيوس لڳو پيو آهي:مظاهرين

شڪارپور (ڊر) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي وڌندڙ مهانگائي ۽ بدامنيءَ خلاف شڪارپور ۾ هزاريدار چوڪ کان لکيدر گهنٽا گهر تائين پيادل مارچ ڪيو ويو قومي عوامي تحريڪ شڪارپور ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ بدامنيءَ خلاف ڪيواي ٽي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي صدر ايڊووڪيٽ آغا فهد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شڪارپور: قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي وڌندڙ مهانگائي ۽ بدامنيءَ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪرمپور پوليس جي ڪوڙي مقابلي ۾ غلام حسين جعفري جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

وارثن شهيد جي معصوم ٻارڙن ڳوٺ محمد امين جعفري ۾ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان جي نوجوان کي ناحق قتل ڪري ڪوڙو مقابلو ڏيکاري اسان جي نوجوان خون لوڙهيو ويو آهي

ملوث ڪارين ردن کي بي ڏاهاڻي سميت ٻين کي جيستائين گرفت ۾ نه آندو ويندو احتجاج ڪندا سين

ڪنڌ ڪوٽ (غالب بلوچ) ڪرمپور پوليس جي ڪوڙي مقابلي ۾ شهيد غلام حسين جعفري جي خون سان انصاف نه ٿيو وارثن پاران ۽ شهيد جي معصوم ٻارڙن ڳوٺ محمد امين جعفري ۾ پوليس خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي ڳوٺ جي چڱي مڙس محمد امين جعفري محمد جمن جعفري محمد عظيم جعفري ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته پوليس اسان جي نوجوان کي ناحق قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران وڌندڙ مهانگائي بيروزگاري خلاف احتجاجي مظاهرو

منشيات جي وڌندڙ ڪاروبار خلاف هڪ احتجاجي ريلي ننگر پبلڪ پريس کان نڪتي، ڪارڪن شريڪ

امپورٽڊ.نااهل ۽ ڪرپٽ حڪمرانن جي ٽولو ملڪ ۾ مهنگائي ختم ڪرڻ جي نالي تي حڪومت ۾ آيا:مظاهرين

ماضي ۾ مهنگائي خلاف احتجاج ۽ ريليون ڪيندڙ حڪمرانن کي اهڙيون حرڪتون ڪندي شرم اچڻ گهرجي:ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران ملڪ سميت سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي بيروزگاري سبب وڌندڙ بدامني ۽ سنڌ ۾ منشيات جي وڌندڙ ڪاروبار خلاف هڪ احتجاجي ريلي ننگر پبلڪ پريس ڪلب کان ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران وڌندڙ مهانگائي بيروزگاري خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مورو پرسان درس شهر جي رهواسين سڪندر الرحمان ابڙو ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو

امان الله ابڙو محمد جمن ابڙو ۽ محمد سليمان ابڙو پريس ڪانفرنس ڪندي احتجاج ڪيو

درس ۾ ابن ڏاڏن جي زرعي زمين آهي جنهن جي جريان نمبر 34 تان بااثر قبضو ڪيو آهي:اڳواڻ

موروجي آفيس جي ملازم سجاد ابڙو سان ياري نڀائيندي ۽ رشوت وٺي اسان جو ڪيس غلط هلايو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو پرسان درس شهر جي رهواسين سڪندر الرحمان ابڙو امان الله ابڙو محمد جمن ابڙو ۽ محمد سليمان ابڙو هتي هڪ تڪڙي پريس ڪانفرنس ۽ احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي ديهه درس ۾ ابن ڏاڏن جي زرعي زمين آهي جنهن جي جريان نمبر 34 تان بااثر ماڻهن هرهڪ يار محمد ابڙو شجاع محمد ابڙو رٽائرڊ ماستر حاجي حسين ابڙو روينيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

انجمن غلامان قلندر جماعت جي سرواڻ غلام حيدر شاهه قلندري پاران مڪلي ٺٽو جا دورا

درود پاڪ جي تبليغ ڪري سوين نوجوانن سان درود پاڪ جي حوالي سان ڪچهريون ڪيون

سيد غلام حيدر شاهه کي قلندري جماعت جي نوجوانن اجرڪن لونگين ۽ گلن جا هار پارايا ويا

هرڪوئي انسان معاشري جي ڪنهن نه ڪنهن موذي مرض ۾ مبتلا آهي: سيد غلام حيدر شاهه

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) انجمن غلامان قلندر جماعت جا سرواڻ سيد حاجي غلام حيدر شاهه قلندري ساحلي پٽي ميرپور ساڪرو غلام الله مڪلي ٺٽو جا دورا ڪري درود پاڪ جي تبليغ ڪري سوين نوجوانن سان درود پاڪ جي حوالي سان ڪچهريون ڪيون انجمن غلامان قلندر سمن سرڪار گروپ 2 پاران شاندار استقبال ڪيو ويو جڏهن ته سيد غلام حيدر شاهه کي قلندري جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: انجمن غلامان قلندر جماعت جي سرواڻ غلام حيدر شاهه قلندري پاران مڪلي ٺٽو جا دورا ڪندي

سپريم ڪورٽ جي حڪم باوجود

ڪچي ۾ 5 هزار ايڪڙ تان قبضا

ختم نه ٿي سگهيا

ڪنديارو (رپورٽر) سپريم ڪورٽ جي حڪم باوجود ڪچي ۾ 5 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ ٻيلي کاتي جي زمين تي قبضا ختم نه ٿي سگهيا، ٻيلي کاتي عملي جي ملي ڀڳت سان قبضا برقرار، وڻن جي غيرقانوني واڍي ۽ وڪرو جاري آهي ٻيلي کاتي جي عملدارن سپريم ڪورٽ جي حڪم کي ٽڙي ڇڏيو ڪنديارو تعلقي جي محبت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مبينہ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٺٽون ديرو واسي جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

اهلڪار پاءُ اڳوٺو سٽي گشت انچارج علي ڏنو ميمڻ جي گرفتاري خلاف حتجاج ڪيو ويو

لال ڏنو ميمڻ، امير علي ميمڻ، راشد علي ميمڻ،ضمير حسين ميمڻ ۽ ٻيا احتجاج ۾ شامل هئا

پوليس اصل ڌوهارين کي لڪائي ڪنهن سگهاري سياسي ڌر جي ونگار وهندي زيادتي ڪري پئي:الزام

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود ڀٽو) 15 ڏينهن اڳ مبينہ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٺٽون ديرو واسي شوڪت علي ميمڻ ۽ سنڌس پوليس اهلڪار پاءُ اڳوٺو سٽي گشت انچارج علي ڏنو ميمڻ جي گرفتاري خلاف سنڌس وارث عورتن، مردن ۽ ٻارڙن پاران احتجاج ڪيو ويو مقتول جي امڙ شهزادي خاتون، پاڻرن لال ڏنو ميمڻ، امير علي ميمڻ، راشد علي ميمڻ،ضمير حسين ميمڻ ۽ ٻيا احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 15 فيبروري 2023ع

سنڌ جي پاڻي جي چوري ۽ ڌاڙا ڪير بند ڪرائيندو؟

سنڌ پاڻي جي معاملي تي مختلف ناانصافيون ڀوڳيندي رهي آهي، جنهن ڪري سنڌ جي زراعت کي نقصان پهچي رهيو آهي. گذريل سال سانوڻي ۾ برساتن پيون ۽ سسٽم ۾ پاڻي وڌيڪ هو ته اهو واڌو پاڻي به سنڌ ڏانهن ڇڏيو ويو جنهن ڪري برساتن ۽ انهي پاڻي سنڌ ۾ وڏي تباهي مچائي ۽ جڏهن وري پاڻي جي کوٽ ٿيندي آهي ته پنجاب پاڻي روڪي پنهنجي پورت ڪندو آهي ۽ سنڌ ۾ فصل سڪندا رهندا آهن. آبادگار ته احتجاج تي مجبور هوندا آهن پر سنڌ جا ڪيترائي علائقا پيئڻ جي پاڻي کان به محروم هوندا آهن. پنجاب طرفان چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال ٺاهيا ويا جيڪي ٻوڏ دوران کوليا ويندا ته جيئن سسٽم تي دٻاءُ نه ٿئي پر هيءُ ان جي ابتڙ هلي رهيو آهي. جڏهن ٻوڏ هوندي آهي ته سنڌ ڏانهن پاڻي موڪليو ويندو آهي جنهن ڪري سنڌ انهي موسم ۾ هر وقت خطري هيٺ هوندي آهي. جڏهن وري پاڻي جي کوٽ هوندي آهي ته سنڌ جي پورت جو خيال ڪرڻ بدران پنجاب لنڪ ڪينال کولي ڇڏيندو آهي جنهن ڪري سنڌ پاڻي جي کوٽ جو شڪار ٿيندي آهي. مطلب ته ٻنهي صورتن ۾ سنڌ کي نقصان ئي آهي. سنڌ ٻوڏ هيٺ هجي سان سال مان گذري آهي. اڄ ۾ سنڌ ٻوڏ هيٺ هئي هاڻي وري سڪي رهي آهي.

سنڌ جي انهي پاڻي چوري يا سينا زوري تي ڪو ازالو نه ٿو ٿئي ڇاڪاڻ ته پنجاب منڍ ۾ هئڻ جو ڀرپور ناجائز فائدو حاصل ڪري رهيو آهي ۽ پاڻي جي ورڇ جي ذميوار اداري ارسا سميت وفاقي حڪومت به پنجاب جي انهي ڏاڍ جو ڪو نوٽيس نه ٿي وٺي. ڪجهه وقت اڳ قومي اسيمبلي ۾ پاڻي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ اهو معاملو آيو ته جيڪو پاڻي سنڌ لاءِ ڇڏيو ويو ان مان تقريبن ويهه هزار ڪيوسڪ پاڻي پنجاب ۾ ئي چوري ٿي ويو ۽ سنڌ ۾ گهڻ پاڻي پهتو جنهن ڪري سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي پورو نه مليو ته اتان وري بلوچستان لاءِ گهٽ پاڻي ڇڏيو ويو. اڃا انهي مسئلي جو ئي ڪو حل نه نڪتو ته هاڻي وري هڪ ٻيو مسئلو سامهون آيو آهي ته پنجاب اهي ڪينال کولي پاڻي کڻي رهيو آهي جيڪي صرف ٻوڏ ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. خبر آهي ته پنجاب جي آبپاشي کاتي هڪ ڀيرو وري تڪراري سي جي لنڪ ڪينال کولي ڇڏيو آهي. گذريل چنڇر ڏينهن پنجاب جي آبپاشي کاتي سي جي لنڪ ڪينال مان 3021 ڪيوسڪ پاڻي کنيو. جڏهن ته 12 فيبروري تي پنجاب جي آبپاشي کاتي سي جي لنڪ ڪينال مان پاڻي جي کڻت وڌائي 5 هزار ڪيوسڪس تي اٽي ڇڏي. پنجاب جي آبپاشي کاتي سي جي لنڪ ڪينال مان پاڻي جي کڻت 3 جنوري تي بند ڪئي هئي، 38 ڏينهن کان پوءِ پنجاب جي آبپاشي کاتي سي جي لنڪ ڪينال کي ٻيهر کولي پاڻي کڻت شروع ڪئي. ان کان اڳ هلندڙ ربيع سيزن دوران پنجاب جي آبپاشي کاتي پهرين آڪٽوبر کان 3 جنوري تائين تڪراري سي جي لنڪ ڪينال مان مسلسل 3 لک 22 هزار 664 ڪيوسڪ پاڻي کڻي چڪو آهي. 11 ۽ 12 فيبروري دوران پنجاب 8021 ڪيوسڪ پاڻي سي جي لنڪ ڪينال مان کنيو. مجموعي طور تي هلندڙ ربيع سيزن دوران 3 لک 30 هزار 685 ڪيوسڪس پاڻي کڻي چڪو آهي. ٽي پي لنڪ ڪينال مان پنجاب جي آبپاشي کاتي پاڻي کڻت پهرين جنوري کان بند ڪئي هئي. پر پنجاب جي آبپاشي کاتي 31 ڊسمبر تائين تڪراري ٽي پي لنڪ ڪينال مان به هلندڙ ربيع سيزن دوران 5 لک 90 هزار 871 ڪيوسڪ پاڻي کڻي چڪو آهي. مطلب ته پنجاب ٻوڏ جي سيزن ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اهي ٻئي فلڊ ڪينال وهائي نه صرف معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي پر گڏوگڏ سنڌ جي اڳ ئي ٻوڏ ۾ تباهه ٿي ويل زراعت کي وڌيڪ تباهه ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته پنجاب جي هن روش جو نه رڳو ارسا پر وفاقي حڪومت کي به نوٽيس وٺڻ گهرجي جنهن سان ٻن صوبن ۾ پاڻي جي معاملي تي بدگمانيون پيدا ٿي رهيون آهن ۽ سنڌ سان سراسر ناانصافي ڪئي پئي وڃي. جيستائين اها پاڻي جي چوري ۽ فلڊ ڪينال وهائڻ جي سينا زوري ختم نه ٿي ته سنڌ زراعت ته ٺهيو پيئڻ جي پاڻي لاءِ به پريشان هوندي.

گلابي ڪارڊ، نيري مس، تنهنجو منهنجو ذڪر

ڪاشف نوراني

صرف سنڌ ۾ ممنوع قرار ڏنل ولنٽائين ڊي باقي دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي، اڄ محبتي جوڙا هڪٻئي سان محبتون ونڊيندا، هڪ ٻئي سان پيار جو پچارون ڪندا، هڪٻئي کي گلن ۽ چاڪليٽن جا تحفا ڏيندا ۽ سڄو سڄو ڏينهن گڏ گذاريندا. اسن جنهن معاشري ۾ رهون ٿا اتي محبت اسان لاءِ صرف هڪ خواب بڻجي ويي آهي. اسان ته اهڙي سماج ۾ رهون ٿا جنهن ۾ جون ليـنن جي چوڻي موجب ته "اسان هڪ اهڙي سماج ۾ رهون ٿا، جتي محبت دلڪي ڪرڻي پوي ٿي پر تشدد، جهيڙا ۽ نفرتون سرعام ڪندا آهيون". ڌرتي ۽ سرتيءَ جي عشق ۾ وڏو ڪمال سمايل هوندو آهي. جنهن ۾ موت جو خوف اصل بيمانائتو ۽ ختم ٿي ويندو آهي. عاشقن جي راهن ۾ جيتريون پابنديون ۽ سختيون اينديون آهن، اوترو ئي ان ازلي عشق جي ڪشش وڌندي رهندي آهي. نگاهه ۽ قدم صرف منزل مقصود تي هوندي آهي.

شيڪسپيئر ڪٿي لکيو ته پيار اعتبار ۽ خادميءَ جو نالو آهي. اعتبار جيڪو اکيون ٻوٽي ڪبو آهي. ان جي ڪري ئي ته پريمي چون ٿا ته پيار انڌو هوندو آهي پر رڳو پيار وارائي ڄاڻين ٿا ته عشق کي ويهه اکيون هونديون آهن. پيار ڪنهن رت، ڏهاڙي جو محتاج ناهي. ڀلا پيار جي پهرين پل ۾ ورتل پهرين چميءَ کي اڄ تائين ڪو پريمي وساري سگهيو آهي؟ هي اهو پل هوندو آهي جنهن پل عاشق جي دل ۽ دماغ جون سڀ اکيون کلي پونديون آهن ۽ هر اک ۾ صرف هڪ ئي چهرو هوندو آهي جيڪو سنڌس پرينءَ جو هوندو آهي. ان لمحي ڪيس نه ڪنهن موسم جو احساس به نه هوندو آهي.

ولنٽائين ڊي، محبوب کي خوشبوءِ جو تحفو ڏئي، هڪ وڏو ساهه کڻي، هن جي بدن جي خوشبوءِ کي ساهن ۾ سانڍي رکڻ وارو ڏينهن. گلابي ڪاردن تي نيري مس سان پنهنجو ۽ "هن" جو نالو گڏ لکي، رشتن کي وقت جي وسعتن کان آزاد ڪرڻ وارو ڏينهن. مڌم روشنيءَ ۾ ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ ڪافيءَ جي وڏي مگ تي گهرين خاموشين ذريعي سڄي ڪائنات جا قصا ٻڌائڻ وارو ڏينهن. جتي پيار گناهه نه آهي ۽ جتي سمنڊ جي ڪناري تي هلندڙ جوڙي کي عجيب نگاهن سان نه ڏٺو وڃي ۽ جتي پارڪ جي بئنچ تي ويٺل ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کان سندن رشتن جي پڇا نه ٿي ڪئي وڃي ۽ جتي ڇوڪريون پنهنجي محبوبن کي "ڀاءُ" چئي متعارف ڪرڻ واري اذيت نٿيون ڀوڳين ۽ ٻيا انهيءَ دنيا کي برقرار رکڻ لاءِ وڙهي رهيا آهن. جتي پيار ممنوع آهي. جواني جرم آهي ۽ خواب گناهه آهن. جتي پيار کي انائن جي بارگاهه ۾ ٻليدان ڪيو ويندو آهي ۽ جتي محبتون قبائلي سردارن جي اجازت سان ڪبيون آهن. دنيا بس اهڙن ٻن قسمن جي ماڻهن ۾ ورهايل آهي ۽ جنهن پيار جي وصف سان دنيا ۽ دنيا جي ماڻهن جي سڃاڻپ ٿئي ٿي، سو پيار ڇا آهي؟ ڀلا انهيءَ ۾ ڪهڙي طاقت آهي، جو پهاڙ جهڙا ماڻهو ميڻ جي نهيل محبوبن جي گرم ساهن ۾ وڳهرجيو وڃن.

آخر انهيءَ ۾ ڪهڙي ڪشش آهي، جو هڪ نگاهه جي اشاري تي صدين جا رشتا، هزارن سالن جون سڃاڻپون ۽ ازل جا واسطا پل ڪن ۾ ٽهيو پون ۽ ٻيا سڀ رشتا بي معنيٰ ٿيو پون. آخر ڪهڙو راز آهي، جو ماڻهو پنهنجو وجود عشق جي باهه ۾ ساڙي ڀسم ڪريو ڇڏين. پنهنجون شناختون مٽايو ڇڏين؟ آخر ڪهڙي قوت آهي، جو ڏاهي کان ڏاهو ماڻهو عقل جو لباس، پيار جي بي لباسي پهري، مستيءَ ۾ سرمست آهي! ڪجهه ته آهي، پر ڇا آهي؟ جسم جي بک آهي يا روح جي پياس؟ پنهنجي تڪميل آهي يا پاڻ کي فنا ڪرڻ آهي؟ ڪنهن کي حاصل ڪرڻ يا پاڻ کي وڃائڻ آهي؟ صدين جو سودو آهي يا لمحن جو حساب؟ تڙپ آهي يا سڪون آهي؟ ڳولڻ آهي يا لهڻ؟ خير آهي يا شر آهي؟ ڇا آهي هي عشق؟ ڪهڙي رمز آهي پيار ۾؟ شايد اهو سڀ ڪجهه آهي يا ڪجهه به نه آهي. جيڪي سمجهن ٿا عشق رڳو روحاني رشتو آهي، سي برفيلن جسمن جي گرم هٿن ۾ پگهرڻ واري وجد کان واقف نه آهن. جيڪي عشق کي رڳو ڪجهه حاصل ڪرڻ واري راند سمجهن ٿا، سي پاڻ وڃائڻ واري سرور کان محروم آهن جن لاءِ عشق رڳو پنهنجي تڪميل آهي، تن فنا واري مزي کان پاڻ کي پري رکيو آهي. عشق تڏهن ئي آهي، جڏهن توهان جسمن جي ذريعي روحاني رمزن تائين پهچو. جڏهن سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ واري سوچ ۾ هر شئي وڃائي ڇڏيو ۽ تڪميل واري آرزو ۾ پاڻ پنهنجو وجود فنا ڪري ڇڏيو. تڏهن شايد عشق جي خبر پوي. عشق جو طعام پچائڻ لاءِ روڳ ڪپي ۽ جوڳ ڪپي، ساهه ڪپي ۽ ويساهه ڪپي، جوش ڪپي ۽ مدهوشي ڪپي، آڳ ڪپي ۽ آلاپ ڪپي ۽ جيڪر ڪا شئي نه ڪپي، سا آهي هوش، عقل، سمجهه، دليل، منطق ۽ ڏاهپ. جنهن هار ۽ جيت جا حساب رکيا، جنهن صحيح ۽ غلط جا دليل ڏنا، جنهن ماضي ۽ مستقبل کي آڏو رکيو، سو ڪٿي ٿو عشق ڪري سگهي! پر شايد عشق کي سمجهڻ جي به ضرورت نه آهي. عشق کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي سين، ته ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهن انهيءَ جي ويجهو نه اچي سگهون.

جڏهن ڳاڙهن ڀيرن جي رت ايندي آهي، جوان دلين ۾ پيار پلجڻ شروع ٿيندو آهي، تڏهن ڪائي اپسرا پنهنجي پوتيءَ جي پاند کي ڪنڊ موڙي مرڪي ڏسندي آهي: ته ان مهل سندس من اندر ۾ محبت جا ڏيئا ٻرڻ لڳندا آهن. اهڙي پل سندس چيل -جو هڪ موڙو ۽ چپن تي تري آيل مرڪ، سندس اندر جو اظهار هوندو آهي. ان سمي ڌرتيءَ تي ڪجهنڊ سندس هر قدم ڪنهن زلزلي کان گهٽ ناهي هوندو. انهن البيلين دلين کي ڪنهن ڏهاڙي جو انتظار نه هوندو آهي. انهن لاءِ هر موسم پيار جي ۽ هر ڏهاڙو پيار جو ڏڻ هوندو آهي. عشق اهڙو منڙو زهر آهي جيڪو اکين جي نگاهه مان دل ۾ داخل ٿي دماغ جي پردن کي کولي رڳن مان راهه هموار ڪري دل جي دلفريب دنيا کي اهڙو ته رنگ ۽ خوشبوءِ عطا ڪري ٿو جوان جي ڪري زندگي مهڪي پوي ٿي ۽ هڪ عاشق محبوبا کي حياتي گذارڻ جو حقيقي ۽ تاحيات مقصد ملي وڃي ٿو.

ڪوئي نهي فسانو انهيءَ کان اڳي ملون.
تـــوڙي ڇڏي زمانو انهي کان اڳي ملون.

هر دل چاهي اها ڪنهن عورت جي هجي يا مرد جي هجي ان ۾ عِشق جي ذات پسي ٿي ڇو ته اها ذات اهڙي آهي جيڪا ماڻهو کي ديوانو ڪري ڇڏي ٿي جنهن عزت بيگ مرزا جهڙي نازن سان پاليل واپاري کي سهڻي جي پيار ۾ مينهون چاريندڙ ميهار بڻائي ڇڏيو ۽ نيٺ ٻئي ميهار ۽ سهڻي وڃي سير جي حوالي ٿي حقيقي محبوب سان مليا. سسئي کي پنهون ڪارڻ جبل جهاڳايا پير پٿون ٿيس، ديول ڪوٽ تي راڄ ڪندڙ چنيسر ليلا جي حسن جو تاب سهي نه سگهيو ۽ حسن تان حجاب هٽائڻ تي اتي ئي دم ڏئي حوالي ڪيائين ۽ چنيسر جي اها قربت واري موت ڏسي ليلا به ساهه صاحب حوالي ڪيو. راڻو جڏهن مومل سان ڪاڪ محل ملڻ آيو ۽ ساڻس گڏ سومل کي سُتل ڏٺائين ڪاوڙ ۾ واپس هليو ويو جڏهن مومل کي اها خبر پئي ته ڏک ۾ ڏاک نهرائي پاڻ کي باهه ۾ ساڙي ڇڏيائين ان ڪري هاڻي شايد راڻو واپس نه ورندو. جڏهن راڻي کي اها خبر پئي ته مومل منهنجي ڪري اهڙو عمل ڪيو تنهن تي راڻي به پاڻ کي ساڳي طريقي سان باهه ڏئي ڇڏي. پرهن دور جي بلخ شير مهر ۽ شائسته عالماڻي جهڙن عاشقن کي وري ملڪ کان ٻاهر دربدر ڪيو وڃي ٿو، يا وري عاشقن کي جيل ۽ محبوبائن کي دارلامان اماڻيو وڃي ٿو.

جنهن جي من ۾ محبت هوندي آهي ۽ جنهن جا سينا ڪپٽ کان آجا هوندا آهن، انهن سان ته ڪو حساب ئي نه هوندو آ. اچو ته گلوبلائيزيشن جي هنن ڏينهن ۾ محبت جو جشن ملهائي وٺون. انهيءَ کان اڳ جڏهن محبوب جي ڏنل مساڪ جو رنگ ڦٽي وڃي ۽ آر سان نالا ۽ دليون پريل رومال ڦاٽي پون. انهيءَ کان اڳ جو ڏنل گلابن جون محفوظ ڪيل پنکڙيون ٽوٽ ٿي هوائن ۾ اڏامي وڃن. انهيءَ کان اڳ جو خوشبوءِ جو واس وڃائجي وڃي. انهيءَ کان اڳ جو مليل هٿ ڇڏائجي وڃن. انهيءَ کان اڳ جو دٻيل ٽهڪ گم ٿي وڃن. انهيءَ کان اڳ جو اسان کان هڪ ٻئي جا نالا به وسري وڃن، اچو ته پيار جو ڏينهن ملهائي وٺون.

*****

جان عاشقَ متي رَتُ، تان دعويٰ ڪري مَ نِينهن جِي؛
سائو مُنهن، سُونهن گـئِي، سِڪَڻَ اِيُ شرط؛
نَـڪِـي گـوڏِ گـرَتُ، مـتـا سِـرَ سوُدا ڪـرِي.

بلاول جو بيان ۽ مهانگائي

شوڪت علي جلباڻي

ملڪ جي بدقسمتي چئجي يا عوام جي نااهلي جو 76 سالن جي تاريخ ۾ ملڪ ۾ وڏا وڏا سياستدان ته پيدا ٿيا آهن پر ڪو به عوامي حڪمران پيدا ناهي ٿيو پيدا ٿئي به ته ڪيئن جڏهن مخصوص طبقي جي طرفان ئي پنهنجون نرسريون لڳائي نسل در نسل حڪمراني جا خواب پورا ڪرڻ جي لاءِ سياست ۽ جمهوريت جو نالو ڏنو وڃي ٿو ۽ عوام وٽ انهي ئي نرسري ۾ جنم وٺندڙ سياستدان ڪانسواءِ هڪ ته ٻي ڪا "چوائس" چوند نه هجي ٿي، جيڪڏهن هجي به ٿي ته انهي قيادت جو اقتدار ۾ اچڻ وارو جي نهيل محلن جهڙو لڳندو آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي اقتدار جون اخبارون ڪٿي ڏسو يا وري اسڪندر مرزا جو دور جي تاريخ پڙهي ڏسو اوهان کي موجوده دور ۽ انهي سيني دورن ۾ هڪ مماثلت ضرور ملندي. اها ته ملڪ ۾ مهانگائي جو ڪارڻ صرف پوئين حڪومت هئي ۽ انهن جون پاليسيون. عمران خان جو دور حڪومت به انهن مان هڪ بدتر هو يقينن اڄوڪي ڏينهن تي جيڪي ملڪي حالتون آهن انهي ۾ عمران خان ۽ موجوده حڪمران برابر جا شريڪ آهن. مريم نواز، وزيراعظم شهباز شريف ۽ بلاول ڀٽو مهانگائي توڙي ملڪي خزاني جي ڏيوالي جو ذميوار ايئن ئي عمران خان کي چون ٿا جيئن عمران خان پنهنجن چئن سالن جي هر ناڪامي جو جو ذميوار نوازشريف ۽ آصف علي زرداري کي ڏيندو هو پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو آءِ ايم ايف کي اپيل ڪئي ته ملڪ جي ٻوڏ ستايل عوام تي مهانگائي جو بار نه وڌو وڃي، هڪ خودمختيار اسلامي جمهوريه پاڪستان جو وزيرخارجه ٻاهرئين قوتن کي ميڙ منٿ ڪري رهيو آهي!

2021ع ۽ 22 جي مالي سال جي بجيٽ جي اچڻ ڪانپوءِ جيڪو مهانگائي جو طوفان ملڪ ۾ آيو تنهن هن وقت تائين بيهڻ جو نالو ناهي ورتو ان وقت جو خزاني جو وزير توڙي حڪومتي سياسي دفاعي تجزيه نگار ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جو ڪارڻ عالمي مارڪيٽ ۾ وڌندڙ تيل ۽ ڊالرن جي ڪوٽ جو ٻڌائي عوام کي تسلي ڏيئي رهيا هئا. ان وقت خزاني جي وزير چيو هو ته 2023ع ۾ ڊالر جي قيمت کي 200 روپين تائين کڻي وڃڻ جو ٽارگيٽ رکيل آهي جنهن سان ملڪ جي معيشت کي استحڪام ملندو بدقسمتي سان ڊالر هن وقت 265 روپين کان وڌي چڪو آهي ۽ پيٽروليم مصنوعات سان گڏوگڏ عام واهپي جي شين ۾ 20 کان 100 سيڪڙو تائين اضافو ٿي چڪو آهي، زندگي بچائڻ وارين دوائن جي قيمتن ۾ سال 2021ع ۾ ئي پهرين 400 سيڪڙو ته پوءِ وري 260 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت سرڪاري توڙي غير سرڪاري لحاظ کان 2022ع ۾ اهو اضافو جاري رهيو آهي، 2023ع جي سال جي شروعات ۾ ئي وري 300 سيڪڙو کان به وڌيڪ اضافي جا چوٻول هلي رهيا آهن.

ياد ڏيارينداو هلان ته عوام جو درد محسوس ڪندي اڄ کان ٽي سال پهرئين پيپلزپارٽي جي قيادت آل پارٽيز ڪانفرنس ڪرائي هئي جنهن جي نتيجي ۾ 20 سيپٽمبر 2020ع تي پي ڊي ايم وجود ۾ آئي هئي ته ان وقت مڙني اڄوڪن حڪمرانن عمران خان جي معاشي پاليسي تي تنقيد ڪندي چيو هو ته جيڪڏهن هن وقت عمران خان کي اقتدار کان نه هٽائينداسين ته ملڪي حالتون ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي وينديون ۽ عوام مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي ويندا! ڪنهن کي ياد هجي يا نه پر اٿون ياد ڏياريندو هلان ته پي ڊي ايم جي انهن سيني جماعتن عمران خان جي خلاف شهر شهر مهانگائي مارچ ڪيا هئا ۽ ڪنهن به ان وقت آءِ ايم ايف کي ميڙ منٿ نه ڪئي هئي.

باقر رضا واري تقرري ۽ پارليامينٽ مان آءِ ايم ايف جي جوڙ تي فنانشل بل تي تقريرون ڪرڻ وارا اڳواڻ اڄ پنهنجي دفاع عين پاڪستاني سياست جي روايتي انداز سان ڪري رهيا آهن، هاڻوڪو وزير خارجه جڏهن اقتدار ۾ نه هو ته اسٽيٽ بينڪ جي گورنر ۽ ملڪ جي معاشي پاليسين کان ولي پيش ٿيندڙ بجيٽن تي ايوان ۾ تقرير ڪري چوندو هو ته اسين عوام دشمن آءِ ايم ايف جي بجيٽ کي نه ٿا مڃون ۽ اوهان ملڪ جي اسٽيٽ بينڪ کي آءِ ايم ايف وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي، پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو کي ياد ڏياريندا هلون ته اڄ اوهان جي ئي حڪومت آهي ۽ اوهان ئي آءِ ايم ايف کي منٿ ڪري رهيا آهيو ته ملڪ جي مسڪين عوام تي مهانگائي جو وزن نه رکو آءِ ايم ايف اوهان جون منٿون نه ٿي مڃي ته گهٽ ۾ گهٽ اوهان هاڻ تسليم ڪريو ته اوهان به آءِ ايم ايف جي ايجنڊا تي ڪم ڪندي آءِ ايم ايف جو هر شرط مڃي آءِ ايم ايف کي راضي ڪرڻ جي لاءِ عوام جي مٿان 170 ارب روپين جو بار وجهڻ وارا آهيو ۽ معصوم قوم کي عمران خان جيان انهي عوامي مسئلن جي جڙ 4 سالن جي دور اقتدار ۾ رهندڙ حڪومت کي قرار ڏيئي رهيا آهن. اسان جي قوم به نهايت ئي معصوم ۽ وساري آهي ان ڪري اسان جا سياسي اڳواڻ پنهنجن واعدن توڙي منشورن کي به صرف پنهنجي تقريرن جي حد تائين ياد ڪن ٿا پوءِ اها تقرير تاڙين جي گونج ۾ ختم ٿئي يا وري اقتدار جي ڪرسين تي ويهاري پر تقريرون ساڳيون رهنديون بس ڪردار ۽ چهرا مٽبا رهيا.

يقينن سياسي چهرا ۽ سياسي جماعتون ساڳيون آهن بس فرق آهي ڪرسي جو پيپلزپارٽي جنهن کي عوامي پارٽي طور سڃاتو ويندو هو سا هاڻي صرف اقتدار ۽ سياستدانن کي خريد ڪرڻ واري ملڪ جي وڏي پارٽي بڻجي چڪي آهي، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي مفاهمت اقتدار ۾ رهڻ لاءِ هر شيءِ کي حلال بڻائي ڇڏيو آهي انهي ڪري انهن وٽ عوام ڪنهن آخري ترجيح ۾ به ٿي سگهي ٿو باقي روٽي ڪپڙا ۽ مڪان واري پارٽي اقتدار کي حاصل ڪرڻ جو سڀ چالون سکي چڪي آهي جنهن جو تازو مثال سنڌ ۾ ٿيندڙ بلدياتي چونڊون آهن.

بقايا 01 ***

چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ سينيٽ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ميمبر آمهون سامهون ٿي ويا. سپريم ڪورٽ طرفان ملڪ جو صرف هڪ وزيراعظم ايماندار چوڻ جي ريمارڪس تي اٽارني جنرل طرفان قانون واري وزير کي لکيل خط تي ايوان ۾ گوڙ ٿيو سينيٽر رضا رباني اٽارني جنرل جي خط تي ايوان ۾ احتجاج ڪيو. قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اٽارني جنرل جو خط ايوان ۾ پيش ڪندي چيو ته اٽارني جنرل وضاحت ڪئي آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ رڳو هڪڙي وزيراعظم جي ايماندار هئڻ جي ڪابه ڳالهه ٻولهه نه ٿي آهي. چيف جسٽس هڪ وزيراعظم جي ايماندار هجڻ جا ريمارڪس ناهن ڏنا. چيف جسٽس جي ريمارڪس کي سوشل ميڊيا تي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو رضا رباني احتجاج ڪندي چيو ته اٽارني جنرل جيڪڏهن پارليامينٽ ۽ جوڊيشري جو ايترو حامي آهي ته جڏهن عدالت طرفان پارليامينٽ مٿان حملو ٿئي ٿو ته اٽارني جنرل کي عدالت ۾ پارليامينٽ جو دفاع ڪرڻ گهرجي. اٽارني جنرل کي ايوان جي ڪارروائي تي اثر انداز ٿيڻ جو ڪو به حق نه آهي. اعظم نذير تارڙ چيو ته اٽارني جنرل حڪومت جو حصو آهي ۽ هو وضاحت به ڪري سگهي ٿو اهو ڪو وڏو مسئلو نه آهي. اجلاس دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ شهزاد وسيم چيو ته سپريم ڪورٽ ته اهو به چيو آهي ته هيءَ پارليامينٽ اڻپوري آهي ان جي ڳالهه جو ڇا ڪريو؟ هن چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ حڪم ڏنو آهي ته فوري طور تي چونڊون ڪرايون وڃن. عدالت جي ان حڪم تي عمل ڇو نٿا ڪريو. جنهن کان پوءِ شهزاد وسيم ۽ قانون واري وزير وچ ۾ به سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي. قانون واري وزير چيو ته اوهان اٺ مهينا لاجز ۾ ويهي واپس ايندو ته اهو ڪيئن هلندو لاءِ پيار وارين استعيفائون قبول ٿيون ته اوهان روئڻ شروع ڪري ڏنو جنهن کان پوءِ سينيٽ چيئرمين اجلاس اڻڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا 02 ***

اسحاق ڊار آءِ ايم ايف سان ڳالهين جي باري ۾ صدر عارف علوي کي آگاهه ڪيوءِ آءِ ايم ايف جي مطالبن بابت به ڳالهيون ڪيون. ذريعن ٻڌايو آهي ته ملاقات ۾ حڪومت طرفان مني بجيٽ آرڊيننس جي صورت ۾ لاڳو ڪرڻ تي به ڳالهيون ڪيون ويون. ذريعن موجب مني بجيٽ تجويز اڄ ٿيندڙ وفاقي ڪابينه جي اجلاس ۾ منظور ڪرڻ جو امڪان آهي.

بقايا 03 ***

هر ميدان ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏيڻو آهي. پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان کي موسمياتي تبديلي جي اثرن سبب ٿيل نقصانن کي منهن ڏيڻو پيو موسمياتي تبديلي بابت موقف تي سڄي دنيا اسان سان گڏ بيٺل هئي. بلاول چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلي بابت هر فورم تي آواز اٿاريو جنيوا ريزيلينٽ ڪانفرنس جي موقعي تي دنيا اسان جو ساٿ ڏنو تازي ايندڙ ٻوڏ ۾ آمريڪا ۽ چين به اسان جي مدد ڪئي. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته سڄي دنيا جا ملڪ پرڏيهي پاليسي ملڪي مفاد موجب جوڙيندا آهن پاڪستان عالمي برادري سان بهتر لاڳاپن جو خواهشمند آهي. خطي ۾ علائقائي امن جي قيام لاءِ کنيل قدم پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو حصو آهن.

بقايا 04 ***

آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر جي اعتراض ڪانپوءِ حڪومتي ٽيم غور ويچار ۾ مصروف آهي.

ذريعن موجب صدر چاهي ٿو ته بجيٽ تجويزون آرڊيننس بدران بل جي صورت ۾ پارليامينٽ ۾ پيش ٿين. جڏهن ته حڪومتي موقف آهي ته پارليامينٽ مان بل جي منظوري ۾ وڌيڪ وقت لڳي ويندو ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت صدر سان ٻيهر رابطو ڪري سگهي ٿي ۽ ڪيس درخواست ڪئي ويندي ته ڪابينا مان منظوري ڪانپوءِ فوري طور آرڊيننس جاري ڪيو وڃي. ذريعن موجب پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس دوران حڪومت آرڊيننس جاري نٿي ڪري سگهي، حڪومت گڏيل اجلاس کي ختم ڪري ٿي ته اجلاس گهرائڻ لاءِ ٻيهر صدر سان رابطو ڪرڻو پوندو ۽ حڪومت کي خدشو آهي ته گڏيل اجلاس ختم ڪيو ويندو ته صدر ٻيهر اجلاس نه گهرائيندو.

بقايا 05 ***

کي آئيندڙ خصوصي جهاز فيصل بيس تي لينڊ ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف ڪراچي ۾ پاڪستان نيوي جي انتظام هيٺ اٿين جاري امن مشق جو جائزو رونو جتي تقريب کي به خطاب ڪيو.

بقايا 06 ***

جي ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ مان درخواست رد ٿيڻ جي فيصلي کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو شهباز گل اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ ٽرائل ڪورٽ ۾ ڪارروائي روڪڻ جي استدعا به ڪري ڇڏي آهي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته پراسيڪيوشن طرفان اهڙو ڪو به مواد ناهي ڏنو ويو جنهن تي فرد جرم لڳي سگهجي. ٽرائل ڪورٽ جو آرڊر آئين جي آرٽيڪل 10 جي ڀڃڪڙي آهي. شهباز گل عدالت کان استدعا ڪئي آهي ته درخواست منظور ڪندي ڪيس مان بري ڪيو وڃي ۽ بريت جي درخواست تي حتمي فيصلي تائين ٽرائل ڪورٽ جي ڪارروائي روڪي وڃي. ياد رهي ته اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل جي بريت جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي.

بقايا 07 ***

کان اضافي اوڳاڙيون ايندڙ 4 مهينن ۾ ڪيون وينديون. اها رقم پاور هولڊنگ ڪمپني جي قرض تي وياج جي مد ۾ جمع ڪئي ويندي. جڏهن ته ان سلسلي ۾ وفاقي ڪابينه کان ڪابينه ڊويزن جي سمري جي سرڪيوليشن ذريعي منظوري ورتي وئي آهي. صارفين کان اضافي سرچارج مارچ کان جون 2023 دوران وصوليون ڪيا ويندا. جڏهن ته بجلي صارفين تي 3 روپيه 39 پئسا في يونٽ جو اضافي سرچارج لڳندو. بجلي صارفين کان اضافي وصولين لاءِ في يونٽ سرچارج 3 روپيه 82 پئسا ٿي ويندو. وفاقي ڪابينه هڪ روپيو في يونٽ اضافي سرچارج لڳائڻ جي به منظوري ڏئي ڇڏي آهي جيڪا ايندڙ مالي سال 2023-24 جي لاءِ لاڳو هوندو. وصولين 300 کان گهٽ يونٽ وارن بجلي صارفين کان وصول نه ڪيون وينديون جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ جي صارفين مٿان به اضافي سرچارج لاڳو ته هوندي.

بقايا 08 ***

ملندي. جڏهن ته اپگريڊيشن کان پوءِ 11هين اسڪيل جي يو ڊي سي کي 13هون اسڪيل لاڳ ڪيو ويندو. گريڊ 16 جي وفاقي ملازمن کي اضافي پگهار جي برابر الائونس ڏنو ويندو. گريڊ 1 کان 5 تائين جي سرڪاري ملازمن کي به ترقي ڏني ويندي.

بقايا 09 ***

قومي منصوبو تيار ڪري ورتو آهي. قومي توانائي بچت منصوبو 4 حصن تي ٻڌل هوندو جنهن ۾ توانائي جي بچت وارين عمارتن جي تعمير سرفهرست آهي. عمارتن ۾ توانائي جي استعمال ۾ 25 سيڪڙو گهٽتائي سان ساليانو 291 ارب روپين جي بچت جو اندازو لڳايو ويو آهي. منصوبي تحت ڪمرشل، صنعتي ۽ رهائشي عمارتن کي گيس کان بجلي تي منتقل ڪيو ويندو. منصوبي جو پي سي ون اپريل 2023 ۾ منظوري لاءِ پيش ڪرڻ جو امڪان آهي. اهو منصوبو حتمي منظوري کان پوءِ جون 2023 تائين مڪمل ٿيندو. انگن اکرن موجب 10 سالہ قومي منصوبي تي 15 ڪروڙ ڊالر لاڳت ايندي جنهن جي لاءِ عالمي بئنڪ کا ساڍا 13 ڪروڙ ڊالر قرض ۽ ڏيڍ ڪروڙ امداد جي درخواست ڪئي ويندي.

بقايا 10 ***

سعيد چيو آهي ته ڊي جي نيب شهزاد سليم، ڊائريڪٽر نيب محمد رفيع ۽ جاچ آفيسر دٻاءُ وجهي مون کان بيان ڏياريو هو اسرار سعيد چيو ته نيب جي حراست دوران واش روم ۾ ڪيمرائون لڳايون ويون هيون اسرار سعيد دانهيو ته زبردست دٻاءُ وجهي سلطاني گواهه بڻايو ويو.

بقايا 11 ***

گهٽجي رهيون آهن. رپورٽس موجب ڀوائتي زلزلي سبب فوتين جو مجموعي انگ 37 هزار کان وڌي ويو آهي. جن مان 31 هزار 643 ترڪيا ۽ شام ۾ 5 هزار 714 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن رپورٽس موجب ترڪيه جي ڪجهه علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي جڏهن ته ماڻهو صحت ۽ صفائي جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. انڪانسواءِ وبائي مرض ٻڻ پکڙجڻ لڳا آهن. متاثرن طرفان چمڙي جي بيمارين ۽ ڊائريا جون شڪايتون سامهون آيون آهن. ٻئي پاسي هفتو گذري وڃڻ ڪانپوءِ به ٻنهي ملڪن ۾ امدادي سرگرميون جاري آهن ۽ ريسڪيو رضاڪار ڍيرن هيٺان زنده بچيل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن. گذريل ڏينهن ترڪيه جي شهر ڪهرامان ماراش ۾ 183 ڪلاڪن بعد ڏهن ورهين جي ٻارڙي ۽ حاطي صوبي مان 182 ڪلاڪن ڪانپوءِ 12 ورهين جي ٻار کي ملبي مان زنده ڪڍيو ويو آهي.

بقايا 12 ***

جي چيف آرگنائيزر مريم نواز (ن) ليگ يوٿ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته عمران خان اسٽيبلشمينٽ ڪانپوءِ هاڻي عدليه جي ڪلهن تي سوار ٿي اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. رجيم چينج واري بيانيي مان آمريڪا باعزت بري ٿي ويو عمران خان يوٽرن وٺي هاڻي چوي ٿو ته منهنجي خلاف سازش آمريڪا نه پر جنرل باجوه ڪئي. جنرل باجوه سپر ڪنگ هو ته توهان ڇا هئا؟ ڇا توهان هن جا ملازم هئا؟ مريم نواز چيو ته عمران خان جنهن ماڻهوءَ کي مير جعفر ۽ مير صادق چيو ان کي تاحيات ايڪسٽينشن جي آڇ ڪئي. عمران خان ڪوڙ جو نالو بيانيو رکيو ۽ سوشل ميڊيا کان مدد ورتي. عمران خان پنهنجا پار ٻاهر ويهاري نوجوانن کي جيل ڀرڻ لاءِ چئي رهيو آهي. نوجوان عمران خان جي گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا جو شڪار نه ٿين مريم نواز چيو ته (ن) ليگ اي ڪامرس، آءِ سيڪٽر ۾ بهترين قدم کنيا. سستي قرض جي اسڪيم به اسان جي دور ۾ شروع ٿي. عمران خان جيل ڀريو تحريڪ جي ڳالهه ڪئي، ڇا هن ڪڏهن ڪنهن شاگرد کي ڪا اسڪيم ڏني؟ جيل ڀريو جي ڳالهه ڪندڙ عمران خان پنهنجا ڪيسا ڀري ماڻهن جي ٻارن کي جيل ڀرڻ جو چئي رهيو آهي. جڏهن ته سندس ٻار پرڏيهه ۾ ويٺل آهن عمران خان پاڪستان جي ٻين ملڪن سان لاڳاپن کي به خراب ڪري ڇڏيو سائفر جي بيانئي جي تدفين زمان پارڪ ۾ ٿي چڪي آهي. اوهان پرڏيهي ملڪن ۾ انٽرويو ڏنا ته ڪا به سازش ناهي ٿي. ايبسلوٽلي نات جا اسٽيڪر ڇو لڳرايا ويا هئا؟ مريم نواز چيو ته مون اڳ ئي چيو هو ته سائفر فراڊ کان سواءِ ڪجهه به ناهي. ڪوڙو ماڻهو ڪڏهن به سچ نٿو ڳالهائي سگهي. مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر چيو ته اڄ هن کان سوال ڪريون ٿا ته اسان کي ڇو بيوقوف بڻايو ويو، گاڏين تي غلامي نامنظور جا اسٽيڪر لڳرايا ان جو ڇا ڪريون؟ هن ڪوڙي بيانئي جي لاءِ ماڻهن کي غدار ۽ ايجنٽ چيو شرم نٿو اچي هن کي پنهنجي ڪوڙ تي. قوم اوهان جيان ذهني طور تي معذور نه آهي.

بقايا 13 ***

۾ عمران خان، اسد عمر ۽ فواد چوڌري خلاف توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. اسد عمر شوڪاز نوٽيس تي پنهنجو جواب جمع ڪرايو عمران خان جي وڪيل فيصل چوڌري چيو ته اسان جي تڪ ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن مان ۽ فواد چوڌري ٻئي چونڊن ۾ مصروف رهيا آهيون. مناسب ٿيندو ته چونڊن کان پوءِ جي تاريخ ڏيو اينڊڙ ٻڌڻي تي اعتراضن تي دليل ڏيندس. وڪيل فيصل چوڌري چيو ته مان ڪوشش ڪندس ته ايندڙ ٻڌڻي تي حاضر ٿي سگهان. چوند مهم جي لاءِ وقت تمام گهٽ مليو آهي. جنهن کان پوءِ اليڪشن ڪميشن ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 28 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 14 ***

به مارجي ويا. سي ٽي ڊي ترجمان موجب دهشتگردن اتر وزيرستان جي علائقي ميران شاهه کان بنون جوابدار منتقل ڪندڙ اسڪواڊ تي حملو ڪيو. دهشتگردن جي فائرنگ سبب حراست هيٺ 3 جوابدار مارجي ويا. جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پابندي مڙهيل تنظيم جا 4 دهشتگرد به مارجي ويا. ترجمان موجب دهشتگردن جا ڪجهه ساٿي رات جي اونداهي ۾ فرار ٿي ويا. اهو واقعو گذريل رات مير علي بائي پاس وٽ پيش آيو ترجمان چيو آهي ته مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس تي دستي بم حملن ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هئا. دهشتگردن وٽان 4 شارٽ مشين گنن، ڪارتوس ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو سي ٽي ڊي ترجمان موجب دهشتگرد پنهنجن ساٿين کي ڇڏائڻ چاهيو ٿي. مارجي ويل دهشتگردن مٿان ڪينٽ ٿاڻي تي دستي بم حملاءِ ڪانسٽيبل افتخار جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ به ملوث سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس جي وڏي نفري علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 15 ***

آءِ جي خواهش تي چونڊون نه ٿيون ٿي سگهن. چونڊون آئين ۽ قانون موجب ٿيڻ گهرجن. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته عمران خان ۽ سندس ساٿين پنهنجي دور ۾ ڪيترائي ڀيرا آئين ۽ قانون کي بلڊوز ڪيو ڪين آئين ۽ قانون جي ڪا ڄاڻ ناهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پي ٽي آءِ ٻاران آئين جي تحفظ لاءِ مهم هلائڻ جي ڳالهه ڪرڻ هڪ وڏو مذاق آهي هن چيو ته اهي ماڻهو سڀ کان پهرين جيل ڀريو تحريڪ جي ته شروعات ڪن. هر روز ڪل جوڳيون نيون ڳالهيون ڇڏيندا رهن ٿا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان عدالتن ۾ پيش ٿيڻ لاءِ تيار ئي ناهي. خوف مان مرهم پٽيون لڳايون زمان پارڪ جي ٻر ۾ لڪيو ويٺو آهي. هي ماڻهو ڪهڙي جيل ڀريو تحريڪ هلائيندا؟ هن چيو ته پي ٽي آءِ پنهنجي نام نهاد مقبوليت جي وزن هيٺ دٻجي وئي آهي. عمران خان ۽ سندس ساٿين جا ادارن کي بليڪ ميل ڪرڻ وارا سمورا حربا ناڪام ٿي ويا آهن هن چيو ته پي ٽي آءِ اليڪشن ڪميشن تي دٻاءُ وجهڻ چاهي ٿي ته جيئن اهي پنهنجا من پسند فيصلا ڪرائي سگهن. صوبائي وزير چيو ته پي ٽي آءِ ملڪ ۾ ڏڪيڙ پکيڙڻ جي سازش ڪري رهي آهي. ٽاهل ٽولي جي چئن سالن جي پاليسين جو نتيجو آهي جو اڄ ملڪ جي معيشت سخت دٻاءُ هيٺ آهي. هن چيو ته عمران خان ۽ پي ٽي آءِ سياست، آئين ۽ قانون کي به راند سمجهي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي ان راند ۾ اهي هر روز عجيب ۽ غريب ڳالهيون ڪندا رهن ٿا.

بقايا 16 ***

بڻيل مهاڻن جي وارثن ۽ ملاحن ريلي ۾ شرڪت ڪري پنهنجي پيارن جي واپسي جو مطالبو ڪيو فشر فوڪ جي مرڪزي چيئرمين مهراڻ شاهه، ياسمين شاهه نور ۽ ٻين چيو ته جاتي جا 32 ۽ ٺٽي سجاول ضلعن جا 50 مهاڻا ڀارتي جيلن ۾ ٻانڌي بڻيل آهنهن چيو ته سندن خاندان فاقا ڪاٽي رهيا آهن. سرڪار مهاڻن جي ڀارت مان آزادي ۽ واپسي لاءِ قدم کڻي.

بقايا 17 ***

موجب جيل ڀريو تحريڪ لاءِ گرفتاريون ڏيندڙ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي رجسٽريشن لاءِ اڳوڻي ايم پي اي اسلم اقبال لاهور جي قومي تڪ 126 ۾ سبزازار جي هڪ شادي هال ۾ تقريب ڪرائي جتي اسلم اقبال جو نئدو پاءِ امجد اقبال اسٽيج تي اچي ويو ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر خلاف نعريبازي شروع ٿي وئي ۽ مطالبا شروع ٿي ويا ته جيڪڏهن حماد اظهر کي ڪنهن تڪ تان چونڊ وڙهڻ لاءِ ٽڪيٽ ڏني وئي ته ان خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو لاهور ۾ حماد اظهر خلاف پوسٽر هنيا ويندا. جيل ڀريو تحريڪ واري رجسٽريشن فارم تي لکيو ويو ته حماد اظهر جي هر سطح تي مخالفت ڪئي ويندي هوڏانهن فيصل آباد ۾ 15 کان 20 پي ٽي آءِ ڪارڪن پنهنجي اڳواڻ خيال احمد ڪاسترو کي گهراڻيان گهلي روڊ تي وٺي آيا ۽ ڪيس چماٽون ۽ ٺونشا هڻي منهن سڄائي ڇڏيو آخري اطلاع تائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿيو هو ۽ نه ئي گرفتاري عمل ۾ آئي هئي، هوڏانهن ڪي پي ۾ مراد سعيد هڪ پراڻي وڊيو شيئر ڪئي آهي. جيڪا دهشتگردن خلاف امن مارچ جي آهي. جنهن ۾ ٻين پارٽين جي اڳواڻن سان گڏ مراد سعيد به خطاب ڪيو هو ان امن مارچ ۾ عوام جو سمنڊ اٿلي پيو هو اها وڊيو شيئر ڪري پرويز خٽڪ کي مراد سعيد چيلينج ڪيو آهي ته ههڙو عوامي جلسو ته ڪري ڏيکاريو صحافي موجب محسوس اهو ٿو ٿئي ته هاڻي پي ٽي آءِ اندر هلندڙ ننڍا ننڍا جهيڙا روڊن تي اچي رهيا آهن ۽ اڳواڻن هڪ ٻئي خلاف ميدان تي اچي رهيا آهن شايد پي ٽي آءِ پڇاڙيءَ جو سفر شروع ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 18 ***

ايرياز جي بنياد تي اميدوارن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف درخواست داخل ڪرائي وئي آهي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ٻڌايو ته سکر جي بئنچ هارڊ ايرياز جي اميدوارن کي نوڪريون نه ڏيڻ لاءِ اسٽي جاري ڪيو آهيسنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ سميت سمورين درخواستن کي گڏ ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏيچيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته سمورين درخواستن کي ٻڌي فيصلو جاري ڪنداسين

بقايا 19 ***

هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن جي وفد پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان سان گورنر هائوس پنجاب ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پنجاب به موجود هئا. چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پنجاب صوبي ۾ انتظامي ۽ امن امان جي صورتحال تي بريفنگ ڏني، اجلاس ۾ فيصلي جي تشريح ۽ وضاحت جي لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو پنجاب جو گورنر لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪندو ۽ سنگل بئنچ جي فيصلي کي چيلينج ڪندو. پنجاب جو گورنر لاهور هاءِ ڪورٽ کان فيصلي جي تشريح جي درخواست ڪندي پڇندو ته چونڊ تاريخ بابت فيصلو ڪيئن پنجاب جي گورنر تي لاڳو ٿئي ٿو. ياد رهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي پنجاب ۾ چونڊ جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ ۽ گورنر سان مشاورت کان پوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 20 ***

ٻڻ جنگ ۾ گوليون هڻي مرتيگ ڪري ڇڏيو. اهڙي واقعي جو اطلاع علائقي واسين ٻاران حد جي ٿاڻي تي ڏنو ويو، پوليس واقعي واري جاءِ تي پهچي فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي نوجوان کي ڪنائي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو. جتان عورت جو لاش ضروري ڪارروائي بعد سندس وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ نوجوان کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي، ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته جوابدار دربان لهر ڪاروڪاري تحت فائرنگ ڪري پنهنجي نوجوان گهرواري ڪونج خاتون کي قتل ۽ ننڍي ڀاءُ عرفان لهر کي زخمي ڪرڻ کان پوءِ واقعي واري جاءِ تان فرار ٿي ويو. هوڏانهن اهڙي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي وري ڪائي گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي.

بقايا 21 ***

چار فيبروري تي ڏکڻ ڪيرولائنا رياست جي ساموندي علائقي ۾ هڪ شڪي ڦوڪڻي کي تباهه ڪيو هو جنهن بابت آمريڪا طرفان اهو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ته چين ان کي جاسوسي لاءِ استعمال ڪري رهيو هو پرڏيهي خابرو اداري موجب آمريڪي فوج جي اترين ڪمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اهلڪارن بيلون ڪرڻ واري هنڌ تان اهم ثبوت گڏ ڪري ورتا آهن جنهن ۾ ڦوڪڻي جي هڪ وڏي حصي سان گڏوگڏ سينسرز ۽ اليڪٽرانڪ ڊيوائسز جا ٽڪرا پڻ شامل آهن. آمريڪي فوج موجب بيلون مان هٿ آيل ڊيوائسز ۾ اهي سينسرز به شامل آهن جيڪي عام طور تي جاسوسي لاءِ استعمال ٿيندا آهن. واضح رهي ته چين ان تباهه ٿيل ڦوڪڻي کي جاسوسي لاءِ استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪندو رهيو آهي، اهو ڦوڪڻو انڪل هڪ هفتي تائين آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي هوائي حدن ۾ اڏامندو رهيو. جنهن کي آمريڪي صدر جو بائيڊن جي حڪم تي آمريڪي فوج تباهه ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 22 ***

جاچ ڪئي آهي. جن نمبرن تان وڊيوز وائرل ٿيون آهن اهي دانيه شاهه جا ناهن. سندس ضمانت واري درخواست منظور ڪئي وڃي. دانيه شاهه کي ايف آءِ اي 15 ڊسمبر 2022 تي پنجاب جي شهر لوڌران مان گرفتار ڪيو هو.

بقايا 23 ***

مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي ان حوالي سان اين آءِ ايچ چيو آهي ته گذريل 24 ڪلاڪنندر ملڪ ۾ 4 هزار 498 ڪرونا ٽيسٽون ڪيون ويون آهن جن مان 22 ماڻهن جون ٽيسٽون هاڪاري آيون آهن اهڙي طرح گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڪيل هاڪاري ڪرونا ٽيسٽ جي شرح 0.49 سيڪڙو آهي. ان دوران ڪرونا وائرس سان هڪ به مريض فوت ناهي ٿيو جڏهن ته 12 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي.

بقايا 24 ***

14 مهينا اڳ ڪنيپيو ويو هو. جيڪو اڄ واپس گهر پهچي ويو آهي. اياز لطيف جي گهر پهچڻ تي ياتين ۽ مٽن مائٽن ۾ خوشي جي لهر پيدا ٿي وٽيشاگرد جي وارثن ۽ دوستن ٻاران ميڊيا ۽ احتجاج ۾ حصو وٺندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ويو آهي. شاگرد جي دوستن جو چوڻ آهي ته شاگرد جي گهر ۾ ڦهرام متل هو اڄ خوشي جو ڏينهن آهي

بقايا 25 ***

فيبروريائين واڌ ڪئي وئي. ڪراچي جي ايڊيشنل سيشن جج اولهه جي عدالت ۾ ڪيماڙي جي علائقي علي محمد ڳوٺ ۾ مبينه زهريلي گئس وگهي 19 فوتگين جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار شاهد حسين ۽ سعيد خان جي ڪچي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي عدالت جوابدارن جي 5 لک رپين جي عيوض ضمانت منظور ڪئي هئي ڪيس ۾ گهربل جوابدار خيرمحمد ڀهريان ٿي گرفتار آهي واقعي جي خلاف پوليس 9 ٻيا ڪيس به داخل ڪيا آهن ڪيس جي فريادي مطابق علائقي ۾ جوابدار بنا احتياطي اپائن جي پلاسٽڪ ريسائيڪلنگ جون فيڪٽريون هلائين ٿا فيڪٽرين مان صحت لاءِ هاڃيڪار دونهون خارج ٿيڻ سان ماڻهو بيمار ٿيا صحت لاءِ هاڃيڪار دونهون ۽ زهريلي گئس خارج ٿيڻ سان فوتگيون ٿيون.

بقايا 26 ***

هزار 900 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 1457 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 67 هزار 953 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 5 ڊالر گهٽجڻ سان 1855 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 27 ***

آف سول ايوي ايشن نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي. سعودي ايوي ايشن موجب سمورين اڏامون عمري جي پانڌيئڙن لاءِ ڪو به ايئرپورٽ استعمال ڪري سگهن ٿيون. سعودي ايوي ايشن ٻاران ايئرلائينز کي نئين نوٽيفڪيشن تي سختي سان عملدرآمد جي هدايت ڪئي وئي آهي. جڏهن ته حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ياد رهي ته ان کان اڳ عمري جي ويزا تي مسافر رڳو جدي ۽ مديني جي هوائي اڏي تان سفر ڪندا هئا. هاڻي پانڌيئڙن کي دمام، قسيم ۽ رياض سميت سمورن ايئرپورٽس تان آمد ۽ روانگي جي سهولت هوندي.

بقايا 28 ***

تنقيدئي ان کي جواب ڏنو هڪ انٽرويو ۾ هن چيو ته مان پارٽي پاليسي جي خلاف ڳالهايون آهي ان لاءِ تنقيد ٿي رهي آهي مفتاح اسماعيل چيو ته آئي ايم ايف سان معاهدي کان پوءِ معيشت بهتر ٿيندي اڪيلي سر ڪو به ادارو پاڪستان کي بهتر نٿو ڪري سگهي.

بقايا 29 ***

راڄپر جي سربراهي ۾ ٽيم جوڙي وئي آهي اسڪول ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي عليناُ راڄپر چيو ته سي سي ٽي وي مان ظاهر آهي ته ڇوڪري آپگهات ڪيو آهي پر اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ڇوڪري جي عمر 12 کان 13 سال هئي. هن چيو ته ٻارڙي ذهني دٻاءُ ۾ ڇو هئي ۽ اهو قدم کڻڻ تي مجبور ڇو ٿي؟ استاد سمجهي رهيا هئا ته هوءَ ٽڪ ٽاڪ ناهي رهي آهي. عملي روڪڻ جي ڪوشش به ڪئي پر ڪين اندازو نه هو ته ڇوڪري تيو ڏئي ڇڏيندي. سندس موجب جنهن جنهن ان ڇوڪريءَ سان ڳالهايو ان کان ڄاڻ ورتي وئي آهي. هوءَ ڪنهن سان به گهٽو نه ڳالهائيندي هئي. جڏهن ته اسڪول ۾ هر شئي ۾ حصو وٺندي هئي ۽ هڪ ايوريج شاگردياڻي هئي. اي ايس پي جيرا جا جاچ به ڪئي پئي وڃي ته ڇا ٻارڙي جي رزلٽ سٺي نه هئي يا گهريلو مسئلا هئا؟ اسڪول انتظاميا جي لاپرواهي به جاچي پئي وڃي. ان سان گڏوگڏ ڇوڪري کي چيڙائڻ يا هٽ ڌراند جي رُخ کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد جي نجي اسڪول ۾ ڇهين درجي جي شاگردياڻي مومنا مبينا طور ٽين ماڙ تان ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 30 ***

ٽيسٽ لاءِ ٻارڙيءَ مومنا ٽاريجو جي لاش جا جزا ورتا ويا. سي ٽي اسڪين به ڪرائي وئيذريعن موجب شاگردياڻي واقعي کان اڳ ٻيرڊ اٽيند نه ڪيو هو. اسڪول انتظاميا ٻيرڊ اٽيند نه ڪرڻ جو نوٽيس نه ورتوپوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مومنا جو موت مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب ٿيو. سندس پاٺهن سميت جسم جي ٻين حصن تي زخم رسيا

بقايا 31 ***

صحافتي آزادي کي سخت خطرو هوندو. ان تنظيم قانون ۾ تجويز ڪيل ترميم کي عوامي اظهار جي آزادي ۽ صحافتي آزادي لاءِ خطرناڪ قرار ڏنو آهي ۽ وزيراعظم شهباز شريف کان قانون تي نظرثاني جو مطالبو ڪيو آهي. تنظيم جو چوڻ آهي ته تجويز ڪيل ترميم واضح طور تي هٿياربند فوج تي ڪنهن به قسم جي تبصري کي روڪڻ لاءِ ناهي ورتي آهي. اهو پوليس کي صحافين تي حد کان وڌيڪ انتظامي اختيار ڏئي ٿي رپورٽرز ود آئوٽ بارڊرز موجب ترميم جا لفظ ڳجها آهن. جنهن سان صحافتي آزادي کي سخت خطرو هوندو، تنهن قلم تحت ڪنهن به شخص کي پوليس بنا وارنٽ جي گرفتار ڪري سگهي ٿي. پاڪستان ۾ جلد عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن. اهڙي ترميم جمهوري عمل جي رستي ۾ رنڊڪ بڻجي سگهي ٿي.

بقايا 32 ***

اداري موجب ليمپيو صوبي ۾ هڪ تيز رفتار بڪتربند گاڏي ڊرائيور جي ضابطي مان نڪري وئي ۽ مخالف طرف کان ايندڙ مسافر بس سان ٽڪرائجي وئي، مقامي اختيارين جو چوڻ آهي ته ٽڪر جي نتيجي ۾ ويهه ماڻهن جي فوت جڏهن ته سٺ کان وڌيڪ زخمي ٿيڻ جا اطلاع سامهون آيا آهن. زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي ڪين طبي امداد ڏني پئي وڃي، پوليس طرفان حادثي جي وڌيڪ جاچ به ڪئي پئي وڃي.

بقايا 33 ***

عورت جي لاپته ٿيڻ جي معاملي ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي پوليس مطابق عورت پنهنجي مرضي سان اسپتال مان وئي جنهن جا ثبوت پوليس کي مليا آهن عورت صبح 8 لڳي 40 منٽن تي اسپتال ۾ داخل ٿي ۽ 12 لڳي 40 منٽن تي اسپتال جي ٻئي دروازي مان نڪري وئي پوليس ٻڌايو ته عورت 8 مهينن جي گورهاري هئي هو ڊاڪٽر کان چيڪ اپ لاءِ آئي هئي جڏهن ته عورت جي وارڊ مان ٻاهر وڃڻ جا فوٽيج ورتا ويا آهن جاچ ڪندڙ آفيسرن چيو ته اسپتال مان نڪري عورت ڪنهن سان وئي ان حوالي سان جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته مڙس جي دعويٰ آهي ته عورت وٽ موبائيل يا نمبر ئي نه آهي.

بقايا 34 ***

قدم سان فلسطيني سان چڪتاڻ وڌندي، هن چيو ته آمريڪا اهڙن سمورن هڪ طرفن فيصلن جو سخت مخالف آهي، جيڪي چڪتاڻ وڌائڻ ۽ ٻه رياستي حل جي امڪانن کي نقصان رسائڻ جو سبب آهن. واضح رهي ته آچر واري ڏينهن واالاريل اولهندي ڪناري جي نوَ وسندين کي قانوني حيثيت ڏيڻ ۽ وڌيڪ ڏهه هزار يونٽن جي اڏاوت جو اعلان ڪيو هو ٻئي پاسي واالاريل بيت المقدس ۾ فلسطيني نوجوان حملو ڪري اسرائيلي پوليس اهلڪار کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. ٽڪ ٽاڪ واهيدارن کي پئسا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا

بقايا 35 ***

ڊسپينسر رامچند جي ڌيءُ ثنا رامچند وفاقي اداري فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سي ايس ايس جو امتحان ڏئي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي، وزيراعظم شهباز شريف ٻاران جوائنگ آرڊر ڏنو ويو، چڪ شهر ۾ خوشيءُ وارو ماحول والدين کي مبارڪن جو سلسلو جاري، (تفصيل موجب) چڪ شهر واسي هندو نياڻي وفاقي اداري فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سي ايس ايس جو امتحان ڏئي ڪاميابي ماڻي ورتي، چڪ جي ڊسپينسر رام چند جي ڌيءُ ثنا رام چند سي ايس ايس جو امتحان ڏئي ڪاميابي ماڻي، ثنا رام چند سنڌ جي پهرين هندو نياڻي آهي جنهن سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪيو، اسسٽنٽ ڪمشنر بڻي، وزيراعظم شهباز ٻاران جوائنگ آرڊر ڏئي مبارڪ باد ڏني، ثنا رام چند کي پنجاب جي تعلقي حسن ابدال ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو جنهن جوائنگ ڪرڻ بعد پنهنجون فرضي ذميواريون نڀائڻ شروع ڪري ڏنيون آهن، ٻئي طرف ثنا جي والدين کي شهرين "ديوان برادري" ٻاران مبارڪ باد ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، ثنارام چند اسسٽنٽ ڪمشنر کان پهريان ايم بي بي ايس جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي هئي، جنهن کان بعد ٻيهر سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر بڻجي وئي.

بقايا 36 ***

آهي جنهن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏيل اتفاق سان مشڪل فيصلا ڪرڻا پئجي رهيا آهن آئي ايم ايف پروگرام تحت سمورن مشڪل مرحلن مان نڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين مددگار ثابت ٿيندو اها ڳالهه هن تندومحمد خان ۾ 40 ڪروڙ رپيا ماليت سان تعمير ٿيندڙ نرسنگ ڪاليج جو پيڙهه جو پٿر رکڻ ۽ لا ڪاليج جي ايم او يو جي صحيح واري تقريب کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪئي سيد نويد قمرچيو ته دنيا ۾ نرسنگ ۽ شعبو ترقي ڪري رهيو آهي تندومحمد خان ۾ نرسنگ ڪاليج کي دل جي مرضن جي اسپتال سان ڳنڍيو ويو آهي تندومحمد خان ۾ نرسنگ ڪاليج ٺهڻ سان طبي سهولت فراهم ڪندڙ ماڻهن ۾ اضافو ٿيندو ۽ هتان جي نوجوانن کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ملندي پي پي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ سڄي سنڌ ۾ مختلف ادارا قائم ڪيا ويا آهن جهڙوڪ تندومحمد خان ۾ دل جي مرضن واري اسپتال، انڊس ڪاليج يونيورسٽي ۽ ٻيا ادارا جيڪي هتان جي مقامي ماڻهن کي علاج جون بهترين سهولتون فراهم ڪري رهيا آهن هن چيو ته عمران خان عجيب لاڏلو آهي جيڪو ادارن تي لاڳيتو حملا ڪري قومي سلامتي جي ادارن جي تذليل سڄي دنيا ۾ ڪري رهيو آهي پي ڊي ايم جي حڪومت ملڪي سلامتي ۽ ادارن جي مضبوطي تي يقين رکي ٿي ملڪ ۾ وڌندڙ دهشتگردي سان اسان جي سيڪيورٽي فورسز منهن ڏئي رهي آهي جيڪي ملڪ جي بقا ۽ سلامتي لاءِ قربانيون ڏئي رهيا آهن.

بقايا 37 ***

جي چيف آرگنائيزر مريم نواز (ن) ليگ يوٿ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته عمران خان اسٽيبلشمينٽ ڪانپوءِ هاڻي عدليه جي ڪلهن تي سوار ٿي اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. رجيم چينج واري بيانيي مان آمريڪا باعزت بري ٿي ويو عمران خان يوٽرن وٺي هاڻي چوي ٿو ته منهنجي خلاف سازش آمريڪا نه پر جنرل باجوه ڪئي. جنرل باجوه سپر ڪنگ هو ته توهان ڇا هئا؟ ڇا توهان هن جا ملازم هئا؟ مريم نواز چيو ته عمران خان جنهن ماڻهوءَ کي مير جعفر ۽ مير صادق چيو ان کي تاحيات ايڪسٽينشن جي آڇ ڪئي. عمران خان ڪوڙ جو نالو بيانيو رکيو ۽ سوشل ميڊيا کان مدد ورتي. عمران خان پنهنجا پار ٻاهر ويهاري نوجوانن کي جيل ڀرڻ لاءِ چئي رهيو آهي. نوجوان عمران خان جي گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا جو شڪار نه ٿين مريم نواز چيو ته (ن) ليگ اي ڪامرس، آءِ سيڪٽر ۾ بهترين قدم کنيا. سستي قرض جي اسڪيم به اسان جي دور ۾ شروع ٿي. عمران خان جيل ڀريو تحريڪ جي ڳالهه ڪئي، ڇا هن ڪڏهن ڪنهن شاگرد کي ڪا اسڪيم ڏني؟ جيل ڀريو جي ڳالهه ڪندڙ عمران خان پنهنجا ڪيسا ڀري ماڻهن جي ٻارن کي جيل ڀرڻ جو چئي رهيو آهي. جڏهن ته سندس ٻار پرڏيهه ۾ ويٺل آهن عمران خان پاڪستان جي ٻين ملڪن سان لاڳاپن کي به خراب ڪري ڇڏيو سائفر جي بيانئي جي تدفين زمان پارڪ ۾ ٿي چڪي آهي. اوهان پرڏيهي ملڪن ۾ انٽرويو ڏنا ته ڪا به سازش ناهي ٿي. ايبسلوٽلي نات جا اسٽيڪر ڇو لڳرايا ويا هئا؟ مريم نواز چيو ته مون اڳ ئي چيو هو ته سائفر فراڊ کان سواءِ ڪجهه به ناهي. ڪوڙو ماڻهو ڪڏهن به سچ نٿو ڳالهائي سگهي. مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر چيو ته اڄ هن کان سوال ڪريون ٿا ته اسان کي ڇو بيوقوف بڻايو ويو، گاڏين تي غلامي نامنظور جا اسٽيڪر لڳرايا ان جو ڇا ڪريون؟ هن ڪوڙي بيانئي جي لاءِ ماڻهن کي غدار ۽ ايجنٽ چيو شرم نٿو اچي هن کي پنهنجي ڪوڙ تي. قوم اوهان جيان ذهني طور تي معذور نه آهي.

بقايا 38 ***

چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ سينيٽ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ميمبر آمهون سامهون ٿي ويا. سپريم ڪورٽ طرفان ملڪ جو صرف هڪ وزيراعظم ايماندار چوڻ جي ريمارڪس تي اٽارني جنرل طرفان قانون واري وزير کي لکيل خط تي ايوان ۾ گوڙ ٿيو سينيٽر رضا رباني اٽارني جنرل جي خط تي ايوان ۾ احتجاج ڪيو. قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اٽارني جنرل جو خط ايوان ۾ پيش ڪندي چيو ته اٽارني جنرل وضاحت ڪئي آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ رڳو هڪڙي وزيراعظم جي ايماندار هئڻ جي ڪابه ڳالهه ٻولهه نه ٿي آهي. چيف جسٽس هڪ وزيراعظم جي ايماندار هجڻ جا ريمارڪس ناهن ڏنا. چيف جسٽس جي ريمارڪس کي سوشل ميڊيا تي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو رضا رباني احتجاج ڪندي چيو ته اٽارني جنرل جيڪڏهن پارليامينٽ ۽ جوڊيشري جو ايترو حامي آهي ته جڏهن عدالت طرفان پارليامينٽ مٿان حملو ٿئي ٿو ته اٽارني جنرل کي عدالت ۾ پارليامينٽ جو دفاع ڪرڻ گهرجي. اٽارني جنرل کي ايوان جي ڪارروائي تي اثر انداز ٿيڻ جو ڪو به حق نه آهي. اعظم نذير تارڙ چيو ته اٽارني جنرل حڪومت جو حصو آهي ۽ هو وضاحت به ڪري سگهي ٿو اهو ڪو وڏو مسئلو نه آهي. اجلاس دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ شهزاد وسيم چيو ته سپريم ڪورٽ ته اهو به چيو آهي ته هيءَ پارليامينٽ اڻپوري آهي ان جي ڳالهه جو ڇا ڪريو؟ هن چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ حڪم ڏنو آهي ته فوري طور تي چونڊون ڪرايون وڃن. عدالت جي ان حڪم تي عمل ڇو نٿا ڪريو. جنهن کان پوءِ شهزاد وسيم ۽ قانون واري وزير وچ ۾ به سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي. قانون واري وزير چيو ته اوهان اٺ مهينا لاجز ۾ ويهي واپس ايندو ته اهو ڪيئن هلندو لاءِ پيار وارين استعيفائون قبول ٿيون ته اوهان روئڻ شروع ڪري ڏنو جنهن کان پوءِ سينيٽ چيئرمين اجلاس اڻڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا | سنڌيار | 01

جي سلسلي ۾ نوشهروفيروز ضلعي مان قائم ڪيل ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته سنڌ جي چئن ضلعن ۾ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي برساتي پاڻي جي نيڪال ۽ متاثرين جي مدد ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪميٽيون قائم ڪيون ويون آهن. هن چيو ته لاڳاپيل کاتا هڪ ٽيم ٺاهي ڪم ڪن. سکر هاءِ ڪورٽ جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ عوام کي رليف ڏيڻ ۽ روڊن ۽ سرڪاري عمارتن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ اسڪيمون تيار ڪري لاڳاپيل اعليٰ عملدارن ڏانهن اماڻيون. هن چيو ته نوشهروفيروز ضلعي جي حدن ۾ 700 ڪلوميٽر ننڍا ۽ وڏا رستا متاثر ٿيا آهن. هن چيو ته اسڪارپ آبپاشي کاتي کان علاوه سماجي تنظيمون به برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ تعاون ڪري رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ مختلف درخواستن ۾ سيپڪو سکر کي حڪم ڏنو آهي ته سمورن پمپنگ اسٽيشنن تي زيرو لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي، پر بدقسمتيءَ سان مقامي سيپڪو عملدار ان تي عمل نه ڪري رهيا آهن. پمپنگ اسٽيشن کي لوڊشيڊنگ کان ڇوٽڪارو نه ڏئي سگهيو. هن PDscorp کي هدايت ڪئي ته پمپنگ اسٽيشنن لاءِ جنريٽر ۽ سولر استعمال ڪرڻ کان بهتر آهي ته اسان سيپڪو جي اميد تي ڪيترو وقت ويٺا رهياسين. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ چيو ته گوگل ميپ موجب ضلعي جي 90 سيڪڙو علائقن مان برسات جو پاڻي نيڪال ٿي چڪو آهي، جڏهن ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ اڃا تائين بوڊ جو پاڻي بيٺل آهي. هن چيو ته ڊرينيج جي سرگرمين کي مانيٽر ڪرڻ لاءِ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون مهدي ما لوف کي فوڪل پرسن مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو فنڊن جي فراهمي ۽ استعمال جي نگراني ڪندو ۽ سمورن کاتن ۽ سماجي تنظيمن سان رابطا رکندو. ان موقعي تي ڳالهائيندي پي ڊي اسڪرپٽ امجد ميمڻ چيو ته ڊپارٽمينٽ ضلعي ۾ 26 پمپنگ اسٽيشنز قائم ڪيا آهن. ان کان اڳ آبپاشي کاتي، ورڪس اينڊ سروسز زراعت ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن بريفنگ ڏني.

بقايا | سنڌيار | 02

ضرورت جو سامان ڏنو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو چيو ته گذريل ڏينهن ميٽنگ ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين کي باهه واقعي جي رپورٽ ڏني آهي، ڪوشش آهي ته تمام جلد مسڪين متاثرين جي وڌيڪ سهائتا ڪري سگهون. في الحال باهه متاثرن کي ضرورت جو سامان ڏنو آهي.

بقايا | سنڌيار | 03

شاهه پيرصاحب پاڳارا جن جي 66هين سالگره عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ حرجماعت جي عقيدتمندن توڙي فنڪشنل مسلم ليگ جي ڪارڪن شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي صدر فقير غلام جان ڏاهري ۽ ٻين چيو ته پيرصاحب پاڳارو سياسي اڳواڻ سان گڏ روحاني شخصيت پڻ آهي اڄ سنڌس سالگره تي کيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا ۽ سنڌس ڊگهي ڄمار لاءِ دعاگو آهيون تقريب ۾ فقير امام بخش لغاري نياز نائچ ايڊووڪيٽ سليم ڏاهري ايڊووڪيٽ منصور عباسي رئيس نور احمد ڏاهري فقير موسي ڪيريو ثناءُ الله ڏاهري نوراحمد ڏاهري کان علاوه ٻين پڻ شرڪت ڪئي آخر ۾ پيرصاحب پاڳاري جي خذري حياتي لاءِ دعا پڻ گهري وئي

بقايا | سنڌيار | 04

جي صدر جاويد سولنگي سينئر نائب صدر محمد معروف پيرزادو جنرل سيڪريٽري مير محمد راڄپر جوائنٽ سيڪريٽري ڀاڳ چند ديوان انفارميشن سيڪريٽري خليفه انيس احمد عرف عدنان ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ٿي گڏري گڏجاڻي کي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري علي اڪبر وينجر خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شهيدن جو رت سمايل آهي اينڊڙ مستقبل جو وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو ان موقعي تي سينيئر نائب صدر محمد معروف پيرزادو چيو ته اسان سموري سنڌ اندر بلاول ڀٽو جيالا فورس جا لکين ڪارڪن پنهنجي پارٽي جي نوجوان چيئرمين جي هر حڪم تي لبيڪ ڪندا سين ۽ سڄي ملڪ سميت سنڌ ۾ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائينداسين ۽ 19 تاريخ تي سکر ۾ رکيل جلسي ۾ سوين گاڏين جو قافلو شرڪت ڪندو جڏهن ته ميٽنگ ۾ ٽائون ڪاميٽي نوشهروفيروز جي جنرل ڪائونسلر ڊاڪٽر ڪاشف مصطفي ميمڻ تعلقه جوائنٽ سيڪريٽري محمد رفيق پيرزادو شڪيل احمد عباسي مختيار احمد ٻالادي محمد آصف پيرزادو غلام مصطفي ميمڻ زوهيب پيرزادو الهه نواز ٻير ساوڻ وسطڙو آصف نواز ۽ ٻين سمورن ٿي تعلقن ۽ سٽي جي عهديدارن شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 05

چيو ته متري کان سٺن سالن جو عرصو گذري وڃڻ باوجود اسان کي اپگريڊيشن جي بنيادي حق کان محروم رکيو ويو آهي هنن چيو ته ساڳئي وقت سروس اسٽرڪچر پڻ نئين سر تشڪيل ڏيئي ڪري اپگريڊيشن ۽ پروموشن آڏو موجود رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن. هنن سنڌ حڪومت چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته سڄي سنڌ جي مانيٽرنگ اسسٽنٽس کي اپگريڊ ڪيو وڃي ۽ سنڌن جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 06

شهيد فاضل راهو ۾ کليل ڪچهري ڪندا. ڊپٽي ڪمشنر ضلعي جي سمورن کاتن جي سربراهن کي هدايت ڪئي آهي ته هو بذات خود ڄاڻايل تاريخ، وقت ۽ هنڌ تي کليل ڪچهري ۾ پابندي سان شريڪ ٿين انهي کان علاوه ڊپٽي ڪمشنر ضلعي بدين جي ماڻهن کي پڻ چيو آهي ته هو پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري ۾ شرڪت ڪن ۽ پنهنجا مسئلا صوبائي وزير ۽ صوبائي صلاحڪار آڏو رکن ته جيئن سمورا مسئلا حل ٿي سگهن

بقايا | سنڌيار | 07

